روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 22 مئي 2023 ع بمطابق پهرين ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 رپيا) شمارو 356

القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ عمران خان کي گرفتار ٿيڻ کان ڪير به نٿو بچائي سگهي: شرجيل ميمڻ

هن ڪيس ۾ ڪنهن به گواهه جي ضرورت نه آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري لاءِ بينڪ جي اسٽيٽمينٽ ئي ڪافي آهي

عمران خان خلاف بي آر ٽي جا ڪيسز آهن هن پنهنجا گهر ريگولائيز ڪرايا، هن جي ٿي چوڻ تي بسن کي باهيون ڏنيون ويون

بلاول ڀٽو 3 ڏينهن جي دوري تي ڪشمير ويو آهي، بلاول جو هر پرڏيهي دورو ڪامياب رهيو، هن هر فورم تي ڪشمير جو ڪيس وڙهيو

مودي اقتدار ۾ اچي ڪشمير جي حيثيت تبديل ڪري ڇڏي. ڪشمير جي حيثيت عمران خان جي دور ۾ تبديل ڪئي وئي

عالمي سطح تي پاڪستان جي عزت کي مجروح ڪيو ويو ۽ ملڪي ادارن جي تنقيد ڪئي. اڄ تائين ڪنهن به حڪمران اهڙي طرح پنهنجي ادارن تي تنقيد نه ڪئي آهي

عوام کي چوان ٿو ته خدا جي واسطي پنهنجون اکيون کوليو اڳواڻ جو مطلب آهي ته اهو قوم کي صحيح ۽ غلط جو ٻڌائي ۽ قوم کي صحيح رستي تي وٺي هلي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ عمران خان کي گرفتار ٿيڻ کان ڪير به نٿو بچائي سگهي. هن ڪيس ۾ ڪنهن به گواهه جي ضرورت نه آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري لاءِ بينڪ جي اسٽيٽمينٽ ئي ڪافي آهي. عمران خان خلاف بي آر ٽي جا ڪيسز آهن هن پنهنجا گهر ريگولائيز ڪرايا. هن جي ٿي چوڻ تي بسن کي باهيون ڏنيون ويون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ سماءَ وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

آءِ ايم ايف معاهدي تي ديرواري خبرن تي ناڻي واري وزارت وضاحت جاري ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ر د) ناڻي واري وزارت چيو آهي ته ڪنڊن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال نه ڪرڻ جي باري ۾ آءِ ايم ايف کي ناڻي واري وزارت طرفان يقين ڏيارڻ واريون خبرون ڪوڙيون ۽ بي بنياد آهن. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل وضاحت ۾ چيو ويو آهي ته آءِ ايم ايف ڪڏهن به اهڙن خدشن جو اظهار نه ڪيو آهي ۽ نه ئي بجيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

فوجي ٽڪاڻن تي حملن جا ڪيس فوجي عدالتن ۾ هلندا: وزيراعظم شهباز شريف

9 مئي تي عمران نيازي جي حڪم تي سندس گروپن دهشتگردي ڪئي، عمران نيازي اهو ڪيو جيڪو دشمن 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيو

شهري تنصيبات تي حملن ۾ ملوث ماڻهن جا ڪيس دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ۾ هلايا ويندا ۽ فوجي تنصيبات تي حملن جا ڪيس فوجي عدالت ۾ قانون موجب هلايا ويندا

9 مئي جي واقعن جي رٿابندي ڪندڙ به قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندا، اشتعال انگيزي، نعريبازي ۽ پيچ ڏاهه ۾ ملوث ڪنهن کي به نه بخشيو ويندو

9 مئي تي عمران نيازي جي قيادت ۾ عوام دشمن قوتون برداشت ڪندي رهندي : اجلاس کي خطاب

لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بابت اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ اهم سياسي شخصيتن ۽ چئني صوبن جي وڏن وزيرن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ سمورن صوبن جي نمائندن ۽ وفاقي آفيسرن به شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ پنجاب حڪومت پاران 9 مئي جي گرفتارين ۽ ڪارروائين جي رپورٽ پيش ڪئي وئي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته فوجي اڏن تي حملن جا ڪيس فوجي عدالت ۾ قانون موجب هلايا ويندا. لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بابت اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اهم سياسي شخصيتن ۽ چئني صوبن جي وڏن وزيرن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ سمورن صوبن جي نمائندن ۽ وفاقي آفيسرن به شرڪت ڪئي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

ٽانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن: 3 دهشتگرد مارجي ويا، 2 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو جنهن دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ ملوث هئا

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نائيڪ محمد عتيق ۽ نائيڪ رجب علي شهيد ٿيا

راولپنڊي (م ر د) ٽانڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته 2 جوان شهيد ٿي ويا آهن. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فوسز ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو جنهن دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته 2 جوان ملڪ خاطر شهادت ماڻي. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز ڳجهو آپريشن ٽانڪ جي علائقي ۾ ڪيو. آپريشن دوران سيڪيورٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

راولپنڊي: دهشگردن سان وڙهندي شهادت ماڻيندڙ نائيڪ محمد عتيق ۽ نائيڪ رجب علي (فائيل فوٽو)

روس جي عسڪري اهميت رکندڙ يوڪريني شهر تي قبضي جي دعويٰ

ڪراچي (م ر د) روس اسڪري اهميت رکندڙ يوڪرين جي شهر باخموت تي مڪمل قبضي جي دعويٰ ڪري ڇڏي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب روس يوڪرين جي شهر باخموت تي مڪمل قبضي جي دعويٰ ڪئي آهي پر يوڪرين طرفان ان جي ترديد ڪئي وئي آهي. يوڪرين جو چوڻ آهي ته باخموت شهر تي قبضو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي مان پي ٽي آءِ جا گرفتار 177 ڪارڪن اڏيالا جيل منتقل

ڪراچي مان 190 ڪارڪنن ۽ 300 شهري گرفتار آهن ۽ انهن مان 177 ڪارڪنن کي ٻين شهرن ۾ منتقل ڪيو ويو

177 ڪارڪنن کي ايم پي او تحت گرفتاري ڪري ٻين شهرن ۾ منتقل ڪيو ويو : پڙدائي

300 کان وڌيڪ عام شهرين کي به گرفتار ڪيو ويو آهي، جيڪي پي ٽي آءِ جا ڪارڪن نه آهن

ڪراچي (م ر د) پي ٽي آءِ، ايف آءِ آر ۽ ايم پي ايم تحت گرفتار ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن جي ضمانت ۽ آزادي جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڪراچي مان 190 ڪارڪنن ۽ 300 شهري گرفتار آهن ۽ انهن مان 177 ڪارڪنن کي ٻين شهرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سوات ۾ مراد سعيد جي گهر تي پوليس ۽ ايليٽ فورس جو ڇاپو

اڳوڻي وفاقي وزير جي گهر تي ڇاپي جي سي سي ٽي وي فوٽيجز سامهون اچي وئي

تحريڪ انصاف اڳواڻ مراد سعيد جي غير موجودگي تي پوليس اهلڪار واپس روانا ٿي ويا

اسلام آباد (م ر د) سوات ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ مراد سعيد جي رهائشگاهه تي پوليس ۽ ايليٽ فورس ڇاپو هنيو پر ڇاپي وقت مراد سعيد گهر تي موجود نه هو تفصيل موجب اڳوڻي وفاقي وزير جي گهر تي ڇاپي جي سي سي ٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: تحريڪ انصاف اڳواڻ مراد سعيد، ٻئي پاسي ايليٽ فورس ۽ پوليس اهلڪار سندس گهر تي چڙهائي ڪندي نظر اچي رهيا آهن

ڪچي ۾ آپريشن دوران فضائي سپورٽ حاصل ناهي: آئي جي سنڌ

پوليس جي حڪمت عملي سان ئي مسئلو صرف ٽن ضلعن تائين موجود آهي

سنڌ حڪومت 275 ڪرمنلز تي انعام رکيو 20 جي لڳ ڀڳ ماڻهو سرينڊر ڪري چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته ڪچي ۾ آپريشن دوران اسان کي فضائي سپورٽ حاصل نه آهي جنهن سبب ڏاڪيلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آڊيو ليڪس جاچ ڪاميرو: ڪميشن وٽ ڪهڙو اختيار هوندو؟ راڻا ثناءُالله ٻڌائي ڇڏيو

حڪومت تي سول سوسائٽي ۽ ٻين جو دٻاءُ هو ته آڊيو ليڪس جي انڪوائري ٿئي

سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ وڃڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو مواد هئڻ گهرجي، ڊوهه پرائيوسي جي اوٽ نٿو وٺي سگهي

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي هيٺ ڪميشن کي اهو اختيار هوندو ته هو ان ڳالهه جي جاچ به ڪري سگهي

اسلام آباد (م ر د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي هيٺ ڪميشن کي اهو اختيار هوندو ته هو ان ڳالهه جي جاچ به ڪري سگهي ته ڊيوز ڪير ٽيپ ڪندو آهي ۽ ڪير ليڪ ڪندو آهي. نجي ٽي وي جي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته حڪومت تي سول سوسائٽي ۽ ٻين جو دٻاءُ هو ته آڊيو ليڪس جي انڪوائري ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ وڃڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو مواد هئڻ گهرجي، ڊوهه پرائيوسي جي اوٽ نٿو وٺي سگهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

190 ملين پائونڊ ڪيس: عمران خان 23 مئي تي نيب آڏو پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

عمران خان قومي احتساب بيورو طرفان اماڻيل طلبي واري نوٽيس تي نيب کي لکت ۾ جواب اماڻي ڇڏيو

23 مئي تي مختلف ڪيسز جي سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ هوندس. عدالتن مان فارغ ٿي 11 وڳي نيب ٽيم آڏو پيش ٿيندس: عمران خان

تحريڪ انصاف چيئرمين نيب کان انڪوائري رپورٽ جي نقل اماڻڻ يا وڪيل کي فوري طور ڏيڻ جو به مطالبو ڪيو

اسلام آباد (م ر د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان 190 ملين پائونڊز ڪيس ۾ نيب آڏو پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو عمران خان قومي احتساب بيورو (نيب) طرفان اماڻيل طلبي واري نوٽيس تي نيب کي لکت ۾ جواب اماڻي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جي 20 اجلاس سان ڪشميرين جو آواز نٿو دٻائي سگهجي: بلاول

ڪشميري پائرن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي پڻ منعقد ڪئي ويندي

اسان دنيا کي ڀارت جو اصل چهرو ڏيکاري رهيا آهيون : پرڏيهي وزير

مظفر آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته والاريل ڪشمير ۾ جي 20 ملڪن جو اجلاس عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

فيصل آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله حج تي ويندڙن کي گلن جا هار پارائي رهيو آهي

بيگناهن جي گرفتارين سان ادارن جي ساک کي نقصان پهچندو، معاشي حالتون خوفناڪ ٿي ويون آهن: شيخ رشيد

آڊيو ليڪ جاچ ڪميشن چيف جسٽس جي مشوري کان سواءِ ٺهي چو نه ٺاهي وڃي

آئيني ۽ قانوني فيصلو چيف جسٽس طرفان ڪيو ويندو ۽ سوپ عدليه جي ٿيندي

الله کي خبر آهي ته مائنس ڪير ٿيندو يا پلس ڪير ٿيندو هاڻ اهو ٿي رهندو ۽ فيصلو هن هفتي ٿي ويندو

راولپنڊي (م ر د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته بي گناهه ماڻهن جي گرفتارين سان ادارن جي ساک کي نقصان پهچندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد احمد

ميڪسيڪو ۾ فائرنگ، 10 ڄڻا مارجي ويا

اڻڄاتل هٿياربندن گاڏين مان لهي هڪ دم اتي موجود ماڻهن کي گوليون هڻڻ شروع ڪري ڇڏيون

حملو ڪندڙ فائرنگ کان پوءِ پنهنجي ڳاڙهي رنگ جي وين ۾ سوار ٿي فرار ٿي ويا

ميڪسيڪو (م ر د) ميڪسيڪو جي شهر اينسوناڊا جي علائقي سين وسينٽي ۾ رٿيل هڪ ڪار شو دوران هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 10 ڄڻا مارجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

فوجي ٽڪاڻن تي حملو ڪندڙن سان ملڪ دشمنن جهڙو سلوڪ ٿيندو: خواجه آصف

اسان ڪنهن جا به بنيادي حق نه ڦري رهيا آهيون، قانون جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ نه هوندو

9 مئي تي آرمي ٽڪاڻن تي حملو ڪندڙن جي نيت ۽ ملڪ جي مٽي سان رشتي تي سواليه نشان نظر اچي ٿو

پي ٽي آءِ قيادت ادارن کي ٽارگيٽ ڪري رهي آهي، عمران خان ٻين ملڪن کي به شامل ڪري رهيو آهي

سيالڪوٽ (م ر د) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته فوجي ٽڪاڻن تي حملو ڪندڙن سان اهڙي سلوڪ ڪيو ويندو جيڪو قانون موجب پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

دفاع وارو وفاقي وزير خواجه آصف

جسٽس قاضي سان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي ملاقات

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق لاهور ۾ هجڻ سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي

ملاقات ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي نئين عمارت ۾ منتقل ڪرڻ بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج جسٽس فائز عيسيٰ سان ملاقات ڪئي. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عمران خان ڪارڪنن جي ذهنن ۾ نفرت پيدا ڪئي جنهن جو نتيجو 9 مئي تي نڪتو: احسن اقبال

9 مئي تي شهيدن جي يادگارن کي نشانو بڻائيندي باهيون ڏنيون ويون، جناح هائوس ۽ شهيدن جي يادگارن تي حملو افسوسناڪ آهي

عمران نيازي پنهنجي حمايتين کي انتهاپسندي طرف مائل ڪيو ۽ چيو ته آمريڪا کان ڊڪٽيشن چوڻون

موجوده حڪومت کي امپورٽڊ چيو ۽ ملڪ دشمني جي آڌار تي ادارن خلاف مهم هلائي ۽ قومي ادارن تي تنقيد ڪئي

نارووال (م ر د) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته عمران خان پنهنجن ڪارڪنن جي ذهنن ۾ نفرت پيدا ڪئي ۽ ان جي زهر اوڳاڇيندڙ سياست جو نتيجو 9 مئي تي نڪتو. نارووال ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي منصوبه بندي واري وفاقي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جماعت اسلامي پاران بدامني خلاف امن مارچ، ڌاڙيل راڄ، پوليس گردي نامنظور

سنڌ جي امير محمد حسين محنتي جي اڳواڻي ۾ گهنٽه گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين "امن مارچ" ڪيو ويو

مارچ ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، عالم سڳورن، صحافين ۽ ٻنگ عيوض اغوا ٿيل ماڻهن جي وارثن شرڪت ڪئي

پوليس ڌاڙيلن سان ٻٽ آهي، ايڏي وڏي بجٽ هجڻ باوجود پوليس ۽ رينجرز ڪهڙي ڪم جي: محمد حسين محنتي

ڪراچي/ڪنڌڪوٽ (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي پاران ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۾ بي امني، سنڌ حڪومت جي بي حسي ۽ سيڪورٽي ادارن جي ناڪامي خلاف جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪنڌڪوٽ: سنڌ جي امير محمد حسين محنتي جي اڳواڻي ۾ نڪتل امن مارچ جو ڏيک

9 مئي واقعا، گرفتار شرپسندن جو انگ 38 سئو کان ٽپي ويو

لاهور مان هنيئر تائين اٽڪل به هزار شرپسندن گرفتار ٿي چڪا

شرپسندن جي پرتشدد ڪارروائين ۾ 162 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار زخمي ٿيا

لاهور (م ر د) سموري پنجاب ۾ نو مئي ۽ ان کان پوءِ سرڪاري ۽ نجي ادارن تي حملن ۾ ملوث گرفتاري جوابدارن جو انگ 38 سئو کان وڌي ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي جو جيڪو ميئر ايندو ڪم نه ڪري سگهندو: ڪمال

پيپلز پارٽي پاران 53 يونين ڪائونسلون ختم ڪيون ويون

اسان جي اليڪشن نه وڙهڻ سبب 53 يونين ڪائونسلون واپس آيون

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ڪراچي ۾ جيڪو به ميئر بڻجي ايندو اهو ڪم نه ڪندو. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته پيپلز پارٽي پاران 53 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ جا 100 کان وڌيڪ مهاڻا اڄا به ڀارتي جيلن ۾ باندي بڻيل

ڪراچي (م ر د) سنڌ جا هڪ سئو کان وڌيڪ مهاڻا اڄا به ڀارتي جيلن ۾ باندي بڻيل آهن. جن ۾ ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جا 47 کان وڌيڪ مهاڻا باندين ۾ شامل آهن ابراهيم حيدري جي 39 مهاڻن سميت ڪراچي جا 57 ملاح اڄا به ڀارتي جيلن ۾ قيد آهن. جن جا وارث پنهنجن پيارن کي ساريندي هنجون هاري رهيا آهن ڀارتي جيلن ۾ قيد مهاڻن جي اهڙين پاران سرڪار کي ٻجڙا آزاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڇڙي ٿر ۾ خوفناڪ باهه: 4 معصوم ڀائر ۽ ڀينرون سڙي فوت

اڇڙو ٿر (رپورٽر) اڇڙي ٿر ۾ هنيان ڏاريندڙ واقعو پيش آيو آهي، جتي گهر کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 4 معصوم ڀائر ۽ ڀينرون سڙي فوت ٿي ويون آهنڪوٽ سنجر جو ٽڙ ۾ اوچتو گهر کي باهه لڳي. جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي سڄي گهر کي وڪوڙي ويئي، سڙي فوت ٿيل ٻارن ۾ اصغر، انور، مريم ۽ سلطاني راڄڙ شامل آهن اطلاع ملڻ باوجود انتظاميا فائربرگيڊ گاڏي نه اماڻي. ڳوٺاڻن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

وفاقي وزير احسن اقبال ۽ پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان (فائيل فوٽو)

ڪراچي: شهري پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ موٽرسائيڪل ريلي ۾ شريڪ آهن

ڪراچي ۾ فلورملز وٽ 2 ڏينهن جي ڪڻڪ ذخيرو: ٻيهر اٽي جي بحران جو امڪان

سنڌ حڪومت لکت ۾ فلورملز ايسوسيئيشن سان ڪيل معاهدي تان ڦري وئي آهي :چوڌري عامر عبدالله

ڪڻڪ جي موجود نه هجڻ سبب فلورملز هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ بند ٿي وينديون

ڪراچي (م ر د) ڪراچي شهر جي فلورز ملن ۾ ڪڻڪ جا ذخيرا ختم ٿيڻ سبب ٻيهر اٽي جي بحران جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي. فلورملز ايسوسيئيشن جي چيئرمين چوڌري عامر عبدالله نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو ته ڪراچي شهر جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي جو ميئر پ پ جو هوندو ته بهتر نموني ڪم ڪري سگهندو: سعيد غني

9 مئي تي ٿيل دهشتگردي جي نتيجي ۾ جن تي ڪيس داخل ٿيا آهن

عمران خان پهريان آمريڪا تي الزام هنيو ته ڪيس هٽائڻ واري سازش آمريڪا ڪئي

ڪراچي (م ر د) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو هوندو ته بهتر نموني ڪم ڪري سگهندو. ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو ته 9 مئي تي ٿيل دهشتگردي جي نتيجي ۾ جن تي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

فٽبال اسٽيڊيم ۾ ڀاڄ، 12 ڄڻا لتاڙجي فوت

جو اهو واقعو راڄڌاني، سان سلواڊور ۾ ٻن مقامي ٽيمن دوران ٿيل ميچ ۾ پيش آيو

هيل تائين 12 ڄڻا فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي آهي : پوليس

واشنگٽن (م ر د) وچ آمريڪا جي ملڪ ايل سلواڊور جي فٽبال اسٽيڊيم ۾ ڀاڄ پوڻ سبب 12 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي خبررساں اداري موجب ڀاڄ جو اهو واقعو راڄڌاني، سان سلواڊور ۾ ٻن مقامي ٽيمن دوران ٿيل ميچ ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سلواڊور جي فٽبال اسٽيڊيم ۾ ڀاڄ پوڻ سبب فوت ٿي ويلن جا لاش اسٽيڊيم ۾ پيل آهن

قدرتي نعمتن سان مالا مال بلوچستان بارود جو ڍير بڻجي ويو آهي: سراج الحق

بلٽ پروف گاڏي استعمال ڪريان، جيڪا حڪومت تحفظ نٿي ڏئي سگهي اها ايوان ڇڏي ڏي

19 مئي تي ژوب ۾ جلسو هوان موقعي تي مٿس اوچتو حملو ٿيو. الله جو شڪر آهي حملي کي ناڪام بڻايو ويو

بلوچستان جا ماڻهو پاڻي لاءِ تڙپي رهيا آهن، هتي بدامني ۽ بيروزگاري آهي

ڪوئيٽا (م ر د) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته اوچتو حملي ۾ ڪير ملوث آهي. شهري طور ڄاڻڻ چاهيان ٿو. حڪومت کان مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آفريڪي سفير جي بنگلي مان 41 هزار چوري: سيڪيورٽي گارڊ گرفتار

ڪراچي (م ر د) ڪراچي ۾ آفريڪي سفير جي بنگلي مان 41 هزار ڊالر چوري ڪرڻ جي الزام هيٺ سيڪيورٽي گارڊ کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب خانگي ڪمپني جي سيڪيورٽي گارڊ نادر علي بجير کي نشان ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سوڊان ۾ قطري سفارتخاني تي حملو

سرڪاري ٽي وي جي عمارت جي چوڌاري وارو علائقو بمباري جو نشانو بڻجندو رهيو

هٿياربند سفارتخاني ۾ داخل ٿيا ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي، عمارت کي باهه لڳائڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي

خرطوم (م ر د) ملڪي فوج ۽ نيم فوجي جٿن جي هڪ ٻئي تي هوائي حملن ۽ ڀوب خانن جي ڏي وٺ سوڊان جي راڄڌاني کي لوڏائي ڇڏيو ۽ انهيءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

"گهر ۾ گهڙي مارينداسين" جناح هائوس تي حملو ڪندڙ شرپسندن جي گفتگو منظرعام تي اچي وئي

منظرعام تي آيل وڊيو ۾ سياسي پارٽي جي وڳوڙين جي شرم جوڳن جملن ڀارت کي به پوئتي ڇڏي ڏنو

حملي جي نئين وڊيو ۾ ڇرڪائيندڙ منظر ۽ شرم جوڳي ڳالهه منظرعام تي اچي وئي

سامهون آيل وڊيو ۾ ڪهڙي بي حيائي سان ڀارتي فلم جو ڊائيلاگ "گهر ۾ گهڙي مارينداسين" ورجايو پيو وڃي

لاهور (م ر د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ جناح هائوس تي حملي جي حوالي سان هنيئر تائين سامهون آيل وڊيوز ۽ شرپسندن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان جي ميڊيڪل فيلڊ ۽ ڪراچي جي مقبول ڊاڪٽرياڻي سيمي جمالي جي حالت ڳڻتي جوڳي

ڪراچي (م ر د) پاڪستان جي ميڊيڪل فيلڊ ۽ ڪراچي جي مقبول ڊاڪٽرياڻي سيمي جمالي جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. ذريعن موجب اڳوڻي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جناح اسپتال سيمي جمالي نجي اسپتال جي وارڊ ۾ علاج هيٺ آهي جڏهن ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀارتي فضائيا سمورن مگ 21 جهازن کي گرائونڊ ڪري ڇڏيو

مگ 21 جي جهازن کي ان وقت تائين گرائونڊ ڪيو ويو جيستائين جاچ نه ٿي وڃي

راجستان ۾ ڪري تباهه ٿيل ويڙهاڪ جهاز معمول جي تربيتي اڏام تي اهو ته دوران ان سان حادثو پيش آيو

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي فضائيا راجستان ۾ ٿيل حادثي کان پوءِ سڀني مگ 21 ويڙهاڪن جهازن کي گرائونڊ ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبررساں اداري جي رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

آل سنڌ اوڏ اتحاد دادو پاران موندر ناڪو کان پرديپ ڪمار اوڏ جي حمايت ۾ ريلي

پرديپ ڪمار اوڏ کي ڌمڪين خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي

صاحب راءِ اوڏ، ڊاڪٽر آنند راءِ اوڏ، گلشن اوڏ، انور مل اوڏ، ارجن مل اوڏ، بيربل مل اوڏ پاران ريلي

ٽريزري آفيس جي دهشتگردن پاران سنڌن پرامن احتجاج مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) آل سنڌ اوڏ اتحاد ضلع دادو پاران موندر ناڪو کان دادو پريس ڪلب تائين سوشل ورڪر استاد پرديپ ڪمار اوڏ کي ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: اوڏ برادري پاران پرديپ ڪمار جي حمايت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر پوليس جي نااهلي سبب
ڌوهي وارداتن ۾ اضافو، 2 موٽر
سائيڪلون چوري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي نااهلي سبب ڌوهي وارداتن ۾ اضافو، 2 موٽر سائيڪلون چوري، خبرموجب سکر پوليس جي نااهلي سبب ڌوهي وارداتن ۾ اضافو ٿي ويو آهي، سکر جي گوليمار واري علائقي مان نامعلوم چور فيضان ميمڻ جي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. جڏهن ته سي سيڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪوٽڙي محمد ڪبير هائير سيڪنڊري اسڪول جي هيڊ ماستر جي الوداعي پارٽي جي پروگرام

خادم حسين جلباڻي، استاد سرفراز احمد قريشي ۽ استاد ضمير حسين نانگور پاران تقريب منعقد

ميان عدنان فيض پيرزادو، ميان عمران فيض پيرزادو، ڊي اي او نوشهروفيروز رياض احمد اڄڻ ۽ ٻيا شريڪ

محرابپور (مجاهد علي سامٽيو) ڪوٽڙي محمد ڪبير هائير سيڪنڊري اسڪول جي هيڊ ماستر درگاهي خان چنا جي الوداعي پارٽي جي پروگرام جو استاد خادم حسين جلباڻي، استاد سرفراز احمد قريشي ۽ استاد ضمير حسين نانگور جن بندوبست ڪيو. ميان عدنان فيض پيرزادو، ميان عمران فيض پيرزادو، ڊي اي او نوشهروفيروز رياض احمد اڄڻ. گستا صدر پريل ڪاڪيپوٽو، جنرل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽي ۾ سول سوسائٽي ۽ جرئتمند شهرين پاران ٺٽي ۾ پاڻي جي مسلسل کوٽ خلاف احتجاج

شهر ۾ سرعام چورين جي آزار ۽ ٻين سماجي برائين خلاف شيخ فريد چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي

امام بخش هالو، نوجوان صحافي عذير پٽو، مشتاق ميمڻ، نور احمد پارهيڙي، صفر شاهه شريڪ ٿيا

منشيات فروشن ۽ ٻين ڪرمنل ڌارين خلاف به ڪنهن فرق جي سخت ڪاروائيون ڪيون وڃن

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ سول سوسائٽي ۽ جرئتمند شهرين ٺٽي ۾ پاڻي جي مسلسل کوٽ ۽ منشيات جي سرعام وڪرو جي چورين جي آزار ۽ ٻين سماجي برائين خلاف شيخ فريد چوڪ کان ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ امام بخش هالو نوجوان صحافي عذير پٽو، مشتاق ميمڻ، نور احمد پارهيڙي، صفر شاهه شريڪ ٿيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪندرا ۾ ڳوٺ ٽنيا پل جي
رهواسين جو ٻاٻرن جي زيادتين
خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪندرا (رپورٽ) ڪندرا ويجهو ٽنيا پل جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان ٻڌايو ته ٽنيو ۽ علي رضا ٽنيو کي ڪهاڙين جا وار ڪري نوجوان علي رضا ٽنيو کي سخت زخمي اغوا جي ڪوشش رڙين تي پاڙي وارن ڪي ڏسي حملا آور ڌمڪيون ڏيندي فرار زخمي ڳڻتيءَ جوڳي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: سماجي اڳواڻ پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي اورنگي ٽائون واري علائقي بسم الله چوڪ تي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب

خالد حسين ڀڳهيو ڪورس مڪمل ٿيڻ تي سرٽيفڪيٽ سرمني جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

مولوي يونس، ميڪپ آرٽسٽ اسڪين ايڊوائزر ڪرن، اونر فوز ڪنول سجاد احمد ۽ ٻين شرڪت ڪئي

حقدار فاؤنڊيشن سان رابطو ڪري جن جو مقصد رڳو غريب بي سهارا مارونڙن جي خدمت ڪرڻ آهي: خالد حسين

ڪراچي (باغي ساگر) اورنگي ٽائون واري علائقي بسم الله چوڪ تي نجي هال ۾ سنڌ ويلفيئر فاؤنڊيشن جي چيئرمين خالد حسين ڀڳهيو پاران پارلر بيوٽيشن جا ڪورس مڪمل ٿيڻ تي سرٽيفڪيٽ سرمني جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مهمان خاص چيئرمين خالد حسين ڀڳهيو مدني وائيس چيئرمين مدني ڀڳهيو توصيف خان، متحده ڪميٽي اڳواڻ مولوي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڌڪوٽ ۾ بي گناهه پوليس مقابلي ۾ مارجي وڃڻ جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو

قتل ٿيندڙ ۽ اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ جماعت اسلامي پاران امن ريلي مارچ ڪئي وئي

جماعت اسلامي امن ريلي ڪڍي جيڪا گهنٽاگهر چوڪ کان ٿيندي پريس ڪلب پهتي

ضلعي جو امن امان تباهه ٿيل آهي پوليس مڪمل طور ته امن ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي چوڪي آهي

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ اغوائن قرن چورين بي گناهه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويلن جي خلاف جماعت اسلامي پاران امن ريلي خبر موجب ڪنڌڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني اغوائن قرن چورين ۽ پوليس هٿان بي گناهه ڪرڻ مقابلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪنديارو ۾ بدامني، چور شهري
جي گهر مان 10 لک کان وڌيڪ
ماليت جي چوري ڪري ويا

ڪنديارو (رپورٽر) ڪنديارو ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني، نامعلوم چورشهري جي گهر مان 10 لک کان وڌيڪ ماليت جي چوري ڪري ويا ڪنديارو شهر بدامني جي ور چڙهي ويو. پوليس امن امان ڪرائڻ ۾ ناڪام. نامعلوم چور شهر جي هيسباڻي محلي مان شهري ذوالفقار سيال جي گهر مان 7 لک روپين جي ماليت جا سونا زيور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪنڌڪوٽ: وڌندڙ بدامني خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ علم وادب اڪيڊمي پاران مخمور مهيري جي ٻي ورسي ملهائي وئي

ناليواري ليڪ، اديب، شاعر، صحافتي حلقي ۾ پاڻ مڃائيندڙ مخمور مهيري کي ڀيٽا

مخمور مهيري گهڻ رخي شخصيت هو. مخمور مهيري سنڌي ٻولي جو يگانو شاعر هو: اقبال شاهين

معاشري مان سماجي برائين جون پاڙون پٽيندڙ ۽ دڳ دڳ محبتون ورهائيندڙ هڪ تاريخ ساز شخصيت هو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ علم وادب اڪيڊمي پاران سنڌ جي ناليواري ليڪ، اديب، شاعر، صحافتي حلقي ۾ پاڻ مڃائيندڙ مرحوم مخمور مهيري جي ٻي ورسي جي موقعي تي سنڌس ڪيل عظيم خدمتن تي ڪيس مڃتا طور خراج تحسين پيش ڪرڻ جو اعزاز ڏنو ويو. علم و ادب اڪيڊمي طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ منعقد ڪيل مرحوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي ۾ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ دريا خان گبول پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

پروگرام حاجي پير محمد گبول جي رهاشگاهه تي رکيو ويو. ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ تي اعتماد ظاهره

9 مئي واقعي تي ڏک پهتو محب وطن جي حيثيت سان تحريڪ انصاف کان عليحدگي اختيار ڪيان پيو: دريا خان

درياخان گبول سٺو فيصلو ڪيو آهي ،ملير ضلعو پيپلز پارٽي جو قلعو آهي: عبدالحڪيم بلوچ جون ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ جي زير صدارت پاڪستان تحريڪ انصاف جي سياسي اڳواڻ دريا خان گبول پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو پروگرام حاجي پير محمد گبول جي رهاشگاهه تي رکيو ويو پروگرام ۾ پيپلز پارٽي يوسي ديسالو چنو جو وائس چيئرمين مرتضي يار محمد نبي بخش ٻالاري شرڪت ڪئي ان موقعي تي پي ٽي آئي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: پي ٽي آ، کي الوداع ڪري پ پ ۾ شموليت ڪندڙن جو گروپ فوٽو

بدين ۾ ٽئين ڏينهن پيپلز پارٽي
جي ورڪرن عهديدارن جو احتجاج
جاري ،اختياريون خاموش

بدين (رپورٽر) بدين ۾ ٽئين ڏينهن پيپلز پارٽي جي ورڪرن عهديدارن جو احتجاج جاري رهيو عهديدارن چيو ته بدين جي ضلعي صدر پارٽي جي ورڪرن سان هڪ به ميٽنگ نه ڪئي اڳ ۾ به ضلعي صدر اسان سان ڪوڙا واعدا ڪيا هئا هن ٻيري پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حڪم جاري ڪيو هو ته مخصوص سيٽون پارٽي جي ورڪرن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمد خان ۾ آءِ جي سنڌ جي هدايت تحت منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

ضلعي اندر منشيات جي خاتمي لاءِ مسلسل ڪاروايون جاري آهن: غلام نبي ڪيريو

وڏي مقدار ۾ مين پوڙي گهٽڪو ۽ ٻين منشيات هٿ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي

منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث ماڻهن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو: ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان پاران آءِ جي سنڌ جي هدايت تحت منشيات فروشن خلاف سموري ضلعي ۾ ڪارروايون جاري آئي جي سنڌ جي حڪم تحت ضلعي اندر منشيات جي خاتمي لاءِ مسلسل ڪاروايون جاري آهن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ضلعي کي منشيات کان پاڪ ڪيو ويندو منشيات فروشن جي خاتمي لاءِ ڪاروين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن جو چيئرمين منور علي شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

سيوهڻ جي عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال اين سي وي ڊي ۾ داخل ڪيو ويو هو

سيد منور علي شاهه ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جو آفيس سپريڊنٽ پڻ هيو. تعزيت هلندڙ

دادو(عزيزالله خاصخيلي) سنڌ فنڪار ويلفيئر آرگنائيزيشن جو چيئرمين سنڌي ڊرامن ۽ اسٽيج ڊرامن جو سينئر اداڪار، هدايتڪار سيد منور علي شاهه لاڏاڻو ڪري ويو ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جو آفيس سپريڊنٽ پڻ هيو سيد منور علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

اوباوڙو ۾ زهريلو ڪچو شراب واپرائڻ سبب 5 ڄڻا فوت، گهرن ۾ ڪهرام

تنوير دايو سهيل سمون قيصر ماڇي سيد نظر شاهه راجو ماڇي فوت ٿي ويا

اصل ملوث جوابدارن خلاف جلد ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي: علائقي واسي

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو ۾ زهريلو ڪچو شراب واپرائڻ سبب 5 ڄڻا فوت ٿي ويا فوتين ۾ تنوير دايو سهيل سمون قيصر ماڇي سيد نظر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اوباوڙو: ڪچو شراب واپرائڻ سبب فوت ٿي ويل همراهه جو لاش، ٻين جي حياتي جي تصوير

خيرپور جي عدالت ۾ شادي ڪندڙ جوڙي پاران ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

پريالوءِ جي رهواسڻ ناري طيبه نوحاڻي ۽ خيرپور شهر جي رهواسي نوجوان احتجاج ڪيو

18مئي 2023 تي خيرپور جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪئي آهي: ناري طيبه نوحاڻي

سکر (بيورو رپورٽ) خيرپور جي عدالت ۾ شادي ڪندڙ جوڙي ڌمڪيون ۽ ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سلطانپور لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي حد مان اغوا ٿيل طالب علم گهر اغوا جو شڪ

ڳوٺ سائين ڏنو چاچڙ جو رهواسي 18 رهين جو نوجوان عبدالقدوس چاچڙ گم ٿي ويو

نوجوان اغوا ٿيڻ بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچيل، وارثن پاران نوجوان جي بازيابي لاءِ اپيل

سلطانپور (رپورٽ) سلطانپور لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي حد مان طالب علم گهر ڇڏي ويو، ڳوٺ سائين ڏنو چاچڙ جو رهواسي 18 رهين جو نوجوان عبدالقدوس چاچڙ گم ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ مولي ڏنو لاڙڪ واسي پريمي جوڙي جي زندگي کي خطرو

ڳوٺ موليڏنو لاڙڪ واسي پريمڪا شمائلا انصاري پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

منهنجي پسند جي شادي مان منهنجا چاچا ۽ ماما به راضي آهن. پيشيوا دشمن آهن: ناري

ٺاروشاهه (رپورٽ) ٺاروشاهه ڀرسان ڳوٺ مولي ڏنو لاڙڪ واسي پريمي جوڙي جي زندگي کي خطرو تحفظ ڏئي زندگيون بچائڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺاروشاهه: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو جي ٽئون آباد وارڊ جو رهواسي 13 سالن جو نينگر اغوا ٿي ويو

13 سالن جو ستين ڪلاس جو شاگرد شاهد پٽ خالق زئور مبينا طور اغوا ٿي ويو

اغوا ڪندڙ زبردستي منهنجي پاءُ کان وڊيو بيان جاري ڪرائين پيا: شاهجهان زئور

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو شهر جي ٽئون آباد وارڊ جو رهواسي 13 سالن جو ستين ڪلاس جو شاگرد شاهد پٽ خالق زئور مبينا طور اغوا ٿي ويو آهي. اغوا ٿي ويل شاگرد جي پاءُ شاهه جهان زئور پاران ٽنڊوباگو ٿاڻي تي پن جڻن علي رضا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺاروشاهه ۾ سبحان ڪالوني واسي عورت ۽ معذور مڙس پاران سميت ناٺي خلاف احتجاج

عورت عزت خاتون معذور مڙس رفيق ٽنيو سان گڏ پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

منهنجو ناٺي امتياز سولنگي لکي روپيا قرض کڻي شراب ۽ جوا تي هارائي ڇڏيو آهي: عزت خاتون

ٺاروشاهه (رپورٽر) سبحان ڪالوني واسي عورت ۽ معذور مڙس سميت ناٺي ۽ انجي مائيٽن خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو. ٺاروشاهه جي سبحان ڪالوني واسي عورت عزت خاتون معذور مڙس رفيق ٽنيو سان گڏ پريس ڪلب پهچي احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺاروشاهه: سبحان ڪالوني واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي جي نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، عورت فوت

ڪارو گهٽ وٽ ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ مسمات عشره عباسي ٿڏي تي فوت ٿي وئي

ٽن سالن جو معصوم نينگر حسنين، عبدالرحمن عباسي ۽ مسمات ياسمين زخمي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ عورت فوت جڏهن معصوم ٻار سميت 3 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل گهوٽڪي واسي موٽر سائيڪل سوار سرحد وڃي رهيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽالپروڊا پرسان ڳوٺ علي آباد ۾ چابي چور بيٺل موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا

پ پ جي مقامي اڳواڻ جي گهر جي دروازي تي بيٺل موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي

اعجاز علي مهر موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ جو اطلاع ٽالپروڊا پوليس چوڪي تي ڏنو

ٽالپروڊا (رپورٽر)ٽالپروڊا پرسان ڳوٺ علي آباد ۾ نامعلوم چابي چور ٻ پ پ جي مقامي اڳواڻ جي گهر جي دروازي تي بيٺل موٽر سائيڪل کاهي ويا.ٽالپروڊا پوليس چوڪي تي اطلاع خبرموجب ٽالپروڊا پرسان ڳوٺ علي آباد ۾ پ پ پ جي مقامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ميمبرن جي حلف برداري جا انتظام مڪمل

ڏوڪري جو اسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري محسن رضا دستي کين حلف کڻائيندو. انتظام مڪمل ڪيا ويا

ڏوڪري ۾ پنڌرهن يوسي نمبرا (37 کان 46) تي بلدياتي اليڪشن جي ميمبرن کان حلف کڻايو ويندو: عملدار

اي سي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڏوڪري ۽ جي آڊيٽوريم حال ۾ صبح جو 10 ڏهين بجي حلف کڻائيندو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري تعلقي ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ ميمبرن کي اڄ سومر ڏينهن حلف کڻائڻ جا انتظام مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڏوڪري: اسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري محسن رضا دستي آفيس ۾ ويٺل آهي

ميناري ونگ ٽنڊوباگو پاران ڪولهي برادري کي مخصوص سيٽن تي نمائندگي نه ڏيڻ خلاف احتجاج

مخصوص سيٽن تي نمائندگي نه ڏيڻ ۽ کين نظرانداز ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪامريڊ ڪيمراج ڪولهي، ڊاڪٽر چندر ڪولهي، راڄو ڪولهي، لڇمڻ ڪولهي پاران ريلي ڪڍي وئي

پيپلزپارٽي بدين جا اسٽيڪ هولڊر پنهنجا عزيز ۽ من پسند ماڻهو مخصوص سيٽن تي کڻي رهيا آهن:الزام

ٽنڊوباگو(رپورٽ:- سهيل سمون) ميناري ونگ تعلقا ٽنڊوباگو پاران بدين ضلع جي خاص ڪري تعلقي ٽنڊي باڳي اندر ڪولهي برادري کي مخصوص سيٽن تي نمائندگي نه ڏيڻ ۽ کين نظرانداز ڪرڻ واري عمل خلاف پيپلزپارٽي ميناري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊوباگو: ڪولهي برادري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهي آهي

ڪنديارو جي صحافي کان
ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو
سامان واپس نه ٿي سگهيو

ڪنديارو (رپورٽر) صحافي کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس نه ٿي سگهيو قلم ڌڻين ۾ تاءُ پکڙيل ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو خبر موجب ڪنديارو جي صحافي طاهر ابراهيم جوکيو کان گذريل رات نامعلوم ڦورو ڊگري ڪاليج پرسان هٿيارن جي زور تي 125 موٽرسائيڪل روڪ ۽ موبائل فونون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ڊويزن پاران ريجن سيڪريٽري جي مان ۾ تقريب

زونل وائيس چيئرمين عبدالخالق ساوند ،زونل سيڪريٽري عبدالرؤف دايو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

شجاعت حسين گهمرو ۽ ٻين کي مان ڏيندي سنڌ جي ثقافتي ٽوپي اجرڪ جا پڻ تحفا پيش ڪيا ويا

سکر( ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ڊويزن سکر صالح پٽ پاران ريجن سيڪريٽري شجاعت حسين گهمرو جي مان ۾ تقريب ٻڌرڪي وئي. ان موقعي تي زونل وائيس چيئرمين عبدالخالق ساوند، زونل سيڪريٽري عبدالرؤف دايو محمد مينن، ڊويزن چيئرمين روهڙي جاويد عباسي، دلدار سولنگي، سب ڊويزن صالح پٽ جو چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند ۾ پيرسن جو زمين تي مبينا قبضي خلاف گهرڀاتين سان گڏ احتجاج

64 ايڪڙ سروي زمين تي مبينا قبضي خلاف پيرسن پٽن پائيٽن سميت احتجاج ڪيو

ڪاغذ به موجود آهن ۽ بااثر اختر حسين پٽي زبردستي زمين تي قبضو ڪري ويٺو آهي: پيرسن

بااثر ريونيو عملي تي زور بار ڪرائي رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ڪرائڻ چاهي ٿو نوٽيس ورتو وڃي: ڳالهيون

مانجهند (رپورٽ:مهران عمراني) مانجهند پيرسن جو 64 ايڪڙ سروي زمين تي مبينا قبضي خلاف گهرڀاتين سان پائيٽن سميت احتجاج ذرائع تعريبازي تفصيل موجب مانجهند پيرسن مظاهرو ڪندي پريس ڪلب آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مانجهند: زمين تي مبينا قبضي خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

بلڙي شاهه ڪريم جي علم دوست
شخصيت رحيم بخش رند جي ياد ۾
ڪتابي ميلو منعقد

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ) بلڙي شاهه ڪريم جي علم دوست شخصيت علم سان محبت ڪندڙ مرحوم استاد سائين رحيم بخش رند جي ياد ۾ فرينڊس بڪ فورم پاران ۽ رئيس حاجي علي نواز رند، رئيس ذوالفقار علي رند ۽ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم جي سهڪار سان ٻه روزا ڪتابي ميلاو اڄ ٻي ڏينهن ٻه بلڙي شاهه ڪريم شهر ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين ضلعي ڪائونسل، ميونسپلن، ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪولهي برادري کي نظرانداز ڪرڻ خلاف پيپلزپارٽي سان تعلق رکندڙ ڪولهي برادري پاران احتجاج ڪيو ويو

ڊاڪٽر رازو مل سجاد شاهه جي اڳواڻي ۾ الله واري چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

ضلعي بدين ۾ اقليت جي هڪ سيٽ به ڪولهي برادري کي نه ڏئي اسان سان ناانصافي ڪئي آهي: مظاهرين جو الزام

ٽنڊوباگو(رفاقت جروار) بدين ضلعي ۾ ضلعي ڪائونسل، ميونسپلن، ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن ۾ پيپلزپارٽي پاران اقليتن جي مخصوص سيٽن تي ڪولهي برادري کي نظرانداز ڪرڻ خلاف پيپلزپارٽي سان تعلق رکندڙ ڪولهي برادري جي وڏي تعداد ڊاڪٽر پنهون ڪولهي، چنو ڪولهي، چندر ڪولهي، ڊاڪٽر رازو مل، سجاد شاهه جي اڳواڻي ۾ الله واري چوڪ کان ريلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪراچي ۾ اچو پڙهو ۽ پڙهايو جي عنوان سان فيڊريل بي ايريا بلاڪ ۾ تقريب

14 رضوان پارڪ ۾ ڏهه ڏينهن وارو پروگرام پنهنجي پوڄاڻي تي پهتو. ڪارڪن شريڪ

مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ عورتن.مردن توڙي شاگردن ۽ شاگرديائين شرڪت ڪئي

بيگ. ڊريسون. ۽ بوٽ سان گڏ ڪامياب شاگردن توڙي شاگرديائين ۾ انعام به ورهايا ويا

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي پاران اچو پڙهو ۽ پڙهاو جي عنوان سان فيڊريل بي ايريا بلاڪ نمبر 14 رضوان پارڪ ۾ ڏهه ڏينهن وارو پروگرام پنهنجي پوڄاڻي تي پهتو پروگرام ۾ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمن شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪراچي: جماعت اسلامي پاران تعليم جي جاڳرتا بابت ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

ملير گڏاپ ٽائون جي علائقي پير
سنڌي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽرز الائنس ۽
سول سوسائٽي پاران احتجاج

ملير (رپورٽر) ملير گڏاپ ٽائون جي علائقي پير سنڌي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽرز الائنس ۽ سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حق ۾ ريلي. تفصيل موجب ملير گڏاپ ٽائون جي علائقي پيري سنڌي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽرز الائنس ۽ سول سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حق ۾ ريلي ڪڍي وئي. ريلي کي ڊاڪٽر رتن ڪمار، ڊاڪٽر منصور علي، ڊاڪٽر اسد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

روهڙي جي ڳوٺ وڏي پنڌي جي رهواسي پيرسن عورت پاران نافرمان پٽ جي ظلمن خلاف احتجاج

عورت وزيران زال مرحوم غلام قادر شورو نافرمان پٽ جي ظلمن کان تنگ ٿي لاتعلقي جو اعلان ڪيو

پٽ صدام شورو مڙس غلام قادر جي فوت ٿيڻ بعد غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي: وزيران

اڄ کان پوءِ صدام ڪنهن سان به ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي ڳوٺ وڏي پنڌي جي رهواسي پيرسن عورت وزيران زال مرحوم غلام قادر شورو نافرمان پٽ جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪيس کان لاتعلقي جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ميڊيا آڏو ڏاهون ڪندي چيو آهي ته منهنجو وڏو پٽ صدام شورو پيءُ مرحوم غلام قادر جي فوت ٿيڻ بعد غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي جنهن مختلف وقتن ۾ گهر جي هڪ ڪمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

راڻيپور ۾ شهيد اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

سينئر صحافي شوڪت نوناري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري ۽ شهيد جي خون سان انصاف لاءِ مظاهرو

شهيد اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي علم ، شعور جو قتل آهي : اڳواڻن جون ڳالهيون

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ شهيد اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سينئر صحافي شوڪت نوناري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ، سول سوسائٽي ۽ صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت رپورٽ موجب راڻيپور ۾ ، جي ڊبليو سي ،طرفان سينئر صحافي ۽ صحافتي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ شوڪت نوناري جي اڳواڻي ۾ شهيد اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري ۽ شهيد جي خون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

راڻيپور: اجمل ساوند جي قتل واقعي خلاف سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو جي صحافي نصرالله
گڏاڻي جي بنا جواز گرفتاري خلاف
احتجاجي مظاهرو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو جي صحافي نصرالله گڏاڻي جي بنا جواز گرفتاري خلاف ميرپور ماٿيلو جا سياسي سماجي اڳواڻ روڊن تي نڪري آيا، ۽ احتجاجي مظاهرو ڪري ٺٺهن اس ۾ ڌرڻو هنيو، ۽ چونڊيل نمائيندن توڙي ڪرپٽ ڪامورن خلاف ڇتي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻي اڳواڻن احمد خان گڏاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر جي شوڪت السلام ايليمينٽري اسڪول مائڪرو ٽاور ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب

مهمان خاص تعلقا ايجوڪيشن آفيسر خان محمد ٻگٽي ۽ اعزازي مهمانن ۾ شفيع محمد ابڙو شامل

شاگردن ۾ پهرين پوزيشن حاڪمزادي مهر، ٻئين پوزيشن امتياز گڏاڻي ۽ ٽئين پوزيشن امبرين مهر حاصل ڪئي

تعليم انسان جي ٽئين اک هجڻ سان گڏ معاشري ۾ زندگي گهارڻ جو اصل سبب هوندي آهي: خان محمد ٻگٽي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي گورنمنٽ شوڪت السلام ايليمينٽري اسڪول مائڪرو ٽاور ۾ سال 2023 جي امتحان ۾ پاس ٿيندڙ ٻارن سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ورهائڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مهمان خاص تعلقا ايجوڪيشن آفيسر خان محمد ٻگٽي ۽ اعزازي مهمانن ۾ سينيئر صحافي شفيع محمد ابڙو ۽ ڪاشف علي قلبوٽو سميت شاگردن جي والدين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 22 مئي 2023ع

هن سياست سان جمهوريت نه سگهاري نٿي ٿي سگهي

گذريل ڪجهه ڏينهن کان ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، تنهن مان ته اهو لڳي ٿو ته هڪ ڀيرو ٻيهر باغي بڻيل "ڪنگزپارٽي" پاڪستان تحريڪ انصاف کي سبق سيکارڻ جو سمورو "بندوبست" ٿي ويو آهي. گهڻ جماعتي اتحاد جي جبر ۽ ان جي ڪئنيل قدمن مان اهو اندازو ٿي رهيو آهي ته اهو "بندوبست" هائبرڊ نظام کي ٻيهر ڏيڻ لاءِ آهي. پنجاب جي راڄڌاني لاهور ۾ ۽ پي ٽي آءِ جي لاءِ ئي ممڪن ٿيو آهي، جيڪڏهن ڪن ٻين ڌرين تي ساڳي نوعيت جا الزام هجن ها ته انهن سان ڪنهن به سطح تي ڪي ڳالهيون ڪيون وڃن ها؟

ملڪ ۾ سياست هڪ زماني کان يرغمال بڻيل آهي، هن وقت به رڳو پسنديءَ ناپسند کي ذهن ۾ رکي ڪري اڳيان وڌڻ جو سلسلو جاري آهي، ملڪ جي اشرافيا ملڪ سان جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، ان ۾ سياست مڪمل طور تي ڪنٽرولڊ رهي آهي، هاڻي به ان ئي پاليسي تي عمل ٿي رهيو آهي. حالتن ۽ واقعن جي تسلسل ۽ انهن جي تعلق مان اهو ئي ظاهر ٿي رهيو آهي ته عمران خان کي ڀرين هشي ڏئي ڪري، پاپولر سياسي اڳواڻن کي پاسيرو ڪيو ويو هو، هاڻي وري جڏهن بازي پلٽجي وئي آهي ته ساڳي ريت ڪا هڪ نه ٻي ڌر ڪن پارٽيون اهو ئي ڪم ڪري رهيون آهن. جيڪو اڄ کان ڪي سال اڳ عمران خان ڪيو هو. پاڪستان تحريڪ انصاف وٽ جيڪا تنظيم ۽ ان وٽ موڪليل جيڪي ماڻهون هئا، سي جڏهن عمران خان واري ضد ۽ انا جي ورچڙهي ويا، تنهن بعد اهو ٽئي ڪيو ويو ته عمران خان ۽ سندس جماعت کي اجان پڻ موقعو ڏنو وڃي ته هن جي غلطين وارو جبل اجان به اوچو ٿي وڃي، تنهن بعد هن ۾ باقاعدي هٽ وڌا وڃن. اهو پي ٽي آءِ کي ڏنو ۽ اهڙو موقعو ڏنو، جنهن سان اهي پڪڙ ۾ اچي وئي آهي.

سياست ۾ ڪجهه سالن کان جيڪي لاڙا عمران خان متعارف ڪرايا هئا اهي ڪنهن به ريت قبولڻ جوڳا نه هئا. ان باوجود اهو سوال ته پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته اهو سڀ ڪجهه عمران خان جي اڪيلي سر ڪرڻ ممڪن نه هو. بلڪ اها هڪ باقاعده جوڙيل اسڪيم هئي، جنهن ۾ عدليه ۽ اسٽيبلشمينٽ جو وڏو هٿ هو. ته پوءِ ڇا هاڻي پاڪستان تحريڪ انصاف جي پس منظر ۾ مدد ۽ سهڪار ڪندڙ ڌرين کي به ڪو سبق سيکاريو ويندو يا اصل قوتن کي بچائڻ جي لاءِ قربان فقط اهو ئي ٿيندو جيڪو منظر عام تي آهي. هلندڙ گيم ۾ گهڻين جماعتن واري حڪومت اصل ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ايجنڊا ۽ خواهش جي پورائي لاءِ سنڌرو ٻڌي ميدان ۾ لٿل آهي. پي ڊي ايم جي اڳواڻن کي لڳي ٿو ته هن دور ۾ جيڪڏهن تحريڪ انصاف ڪمزور ٿيندي يا ان جي ڪجهه اڳواڻن کي سزا ۽ نااهل قرار ڏنو ويندو آهي ته پوءِ اهو سندن ئي فائدو آهي. جنهن جي لاءِ اهي ڌريون پي ٽي آءِ قيادت جيان هر ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وئي آهي. هاڻي پلاجمهوريت جي دعويدار ڌرين کي "جمهوريت جو روح" ڇو نظر نه پيو اچي، ڇا اهڙي سياست جي طريقي سان ملڪ ۾ جمهوريت جو بنياد سگهارو ٿيندو يا ان سان اڳتي هلي ڪري ملڪ ۾ واقعي به حقيقي جمهوريت جو دور شروع ٿي ويندو؟

ملڪ جي سپريم ڪورٽ به ڪيترن ئي ڪيسن ۾ فوجي عدالتن جا فيصلا رد ڪري ڇڏيا هئا. فوجي عدالتون هاڻي موجود نه آهن ۽ آئين ۾ ترميم لاءِ حڪومتي اتحاد کي پارليامينٽ ۾ به ياڳي تي اڪثريت به ناهي. اهڙي صورتحال ۾ شهرين خلاف آرمي ايڪٽ استعمال ڪرڻ واري اعلان جو تحريڪ انصاف جي حامين کي هراسان ڪرڻ ۽ ڌمڪائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو مقصد نظر نٿو اچي. جيڪڏهن سمورين سياسي ڌريون هن وقت استعمال ٿيڻ جي لاءِ پاڻ آڇي رهيون آهن ته پوءِ اهو به ممڪن آهي ته اڳتي هلي وري ڪا اهڙي ڌر پڻ سامهون اچي وڃي، جيڪا ساڳيو ڪم هن حڪومت جي لاءِ ڪرڻ جي لاءِ به تيار ٿي وڃي. ان بعد ساڳين ڌرين کي وري جمهوريت جا اصول ياد ته اچي ويندا. پر وقت هٿن مان نڪري ويندو. ڪو هنن کي به ساڳيو طعنو ڏيندو ته اوهان پڻ ڪنهن جي هٿن ۾ هڪ اوزار طور ڪتب آيا هئا!

سياست جي دنيا ۾ هر ڪنهن جي پنهنجي پاليسي ۽ پروگرام هوندا آهن. پر جيڪو ڪجهه عملي طور تي ميدان تي نظر پيو اچي، ان جو مطلب ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهي ته موجوده حڪومت هڪ وڏي سياسي جماعت کي ميدان مان ٻاهر ڪرڻ جي لاءِ اسٽيبلشمينٽ جي هٿن ۾ ڪيڏي رهي آهي. اجان به وقت ويو نه آهي، جمهوريت جي لاءِ ڪم ڪندڙ سمورين جماعتن کي گڏجي ڪري ملڪ ۾ جمهوري ماحول جي جوڙڻ واسطي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هر سياسي جماعت عوام بجاءِ اسٽيبلشمينٽ اڳيان گوڏا کوڙيندي رهندي ۽ ان ڏانهن ئي واجهائيندي رهندي ته ملڪ ۾ جمهوري نه پر اسٽيبلشمينٽ جي پروگرام جي لاءِ ڪتب ايندڙ "ڊمي" جماعت ئي بڻجي ويندي.

پي ٽي آءِ ميمبرن لاءِ پارليامينٽ جا در کلي سگهندا؟

اير بي سومرو

لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي 72 قومي اسيمبلي ميمبرن جي استعيفائون منظور ڪرڻ جي نوٽيفڪيشن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ پي ٽي آءِ جي انهن قومي اسيمبلي ميمبرن کي استعفائون واپس وٺڻ لاءِ اسپيڪر وٽ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي. مطلب ته ان فيصلي باوجود پي ٽي آءِ ميمبرن کي استعيفائون واپس وٺڻ لاءِ اسپيڪر وٽ پيش ٿيڻو آهي. سوال هي آهي ته ڇا اسپيڪر ان فيصلي ڪانپوءِ انهن ميمبرن سان فوري ملڻ جو فيصلو ڪندو يا اهو پراڻو موقف اختيار ڪندو ته استعيفا جي تصديق لاءِ هو هر ميمبر کي ڌار ڌار طلب ڪرڻ بعد انهن استعيفائون بابت فيصلو ڪندو. سوال هي به آهي ته پي ٽي آءِ ميمبرن جون استعيفائون منظور ڪرڻ بعد ڇا اسپيڪر لاهور هاءِ ڪورٽ جي ان فيصلي کي قبول ڪندو يا ان خلاف اپيل ۾ ويندو؟ لڳي اهو ٿو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي باوجود پي ٽي آءِ ميمبرن لاءِ قومي اسيمبلي هال جا دروازا ايتري آساني سان نه کلندا. ڇو ته قومي اسيمبلي جي مدت مڪمل ٿيڻ ۾ هاڻي گهڻو وقت باقي نه رهيو آهي. قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبلي جي مدت ۾ ڪيترو وقت يا ڏينهن باقي آهن. ان تي اچڻ کان اڳ اوهان اڳيان ڪي پي ڪي ۽ پنجاب اسيمبلي جي حوالي سان صورتحال رکڻ چاهيان ٿو. پنجاب اسيمبلي 14 جنوري 2023 ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي 18 جنوري 2023 تي ٽٽي چڪيون آهن. آئين تحت 90 ڏينهن اندر چونڊ ڪرائڻ واري پابندي تي عمل ٿئي ها ته پنجاب اسيمبلي جي ٽڪن تي 13 اپريل 2023 ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي جي ٽڪن تي 17 اپريل تائين چونڊ ٿي وڃي ها پر آئين ۾ اسيمبلي ٽٽڻ جي صورت ۾ 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو شرط موجود هجڻ باوجود ان مامري کي اهڙو ته سياسي مامرو بنايو ويو، جو اڃان تائين انهن صوبن ۾ چونڊن وارو مامرو لٽڪيل آهي. لڳي ائين ٿو ته هاڻي انهن صوبن ۾ به چونڊون باقي صوبن سان گڏ ٿينديون. ڇو ته هاڻي قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبلي جي مدت مڪمل ٿيڻ ۾ رڳو ٻه مهينا ۽ 22 ڏينهن باقي وڃي رهيا آهن. قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبلي جي مدت 12 آگسٽ 2023 رات 12 وڳي مڪمل ٿي ويندي ۽ ان حوالي سان آئين چوي ٿو ته اسيمبلين جي مدت مڪمل ٿيڻ جي سٺ ڏينهن اندر چونڊ ڪرائي ويندي. اگر ان آئيني گهرج تي عمل ٿيو ته دير ۾ دير 11 آڪٽوبر 2023 تائين ملڪ اندر عام چونڊ ڪرائڻي پوندي پر هن وقت سياسي صحافتي حلقن ۾ اهو

سوال بحث هيٺ ايندو رهي ٿو ته ملڪ اندر عام چونڊون وقت اندر ٿي سگهنديون؟ اهو سوال ملڪ اندر غير يقيني جي صورتحال ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. غير يقيني جي صورتحال ۾ ان ڪري به اضافو ٿي رهيو آهي، جو باقي موجود اسيمبلين جي مدت مڪمل ٿيڻ ۾ هاڻي ڪو گهڻو وقت نه رهيو آهي پر ان هوندي به عام چونڊن کان اڳ جيڪي سرگرميون نظر اچڻ گهرجن، اهي نظر نه اچي رهيون آهن. اسان جي ملڪ جي سياسي حالتن کي ڏسجي ته اهو واضح طور محسوس ٿيندو ته تاريخ مان اڪثر سياسي ڌرين توڙي طاقتور حلقن سبق ناهي سکيو. عمران خان اڄ جن ڌرين کي سخت تنقيد جو نشانو بنائي رهيو آهي، اهو عمران خان 2018 جي عام چونڊن کان اڳ انهن جي ڪلهي تي چڙهي اقتدار ۾ اچڻ جي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ اڄ جي چوڪ وسايو هو. جتي هو بار بار هي جملو ورجائيندو هو ته امپائر جي آگر مٿي ٿيڻ واري آهي ۽ جڏهن چونڊن کان اڳ ن ليگ ۽ پيپلزپارٽي مان اڳواڻ توڙي عمران خان جي پارٽي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ اماڻيا ويندا هئا، تڏهن هر اڳواڻ جي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ وقت عمران خان چوندو هو ته فلاڻي پارٽي جي هڪ وڌيڪ وڪيٽ ڪري پئي. عمران خان 2018 جي چونڊن کان اڳ مسلم ليگ (ن) جي سربراه نواز شريف جي نااهلي، ان جي ڌيءَ سوڌو گرفتاري جي به ان ڪري مخالفت نه ڪئي ته ان وقت نواز شريف جي گرفتاري ۾ سندس سياسي فائدو هو. عمران خان پنهنجي حڪومت ۾ موجوده وزير اعظم سوڌو اپوزيشن جي لڳ ڀڳ هر اهم اڳواڻ کي گرفتار ڪرايو. انهن کي سالن جي عرصي تائين بند رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. عمران خان پنهنجي حڪومت دوران جنهن هڪ پيج جو بار بار ذڪر ڪندي نه ٿڪبو هو. ڪيس ان وقت ملڪي تاريخ ياد رکڻ گهرجي ها پر هو سياسي مخالفت ۽ اقتدار جي منزل تائين پهچڻ لاءِ رڳو پنهنجي هدف جي حاصلات تي سوچيندو رهيو. اڄ به حالتون لڳ ڀڳ ساڳيون آهن پر ڪردار تبديل ٿيل آهن. هن وقت عمران خان اهو ڪجه ڀوڳي رهيو آهي. جيڪو ڪنهن وقت ڀريان پيپلزپارٽي ۽ پوءِ مسلم ليگ ن وارا ڀوڳي رهيا هئا. فرق صرف اهو آهي ته عمران خان اسٽيبلشمينٽ سان ڪشيدگي پاڻ وڌائي صورتحال هن سطح تائين آڻي بيهاري آهي. عمران خان چاهي ها ته صورتحال کي هن سطح تي پهچڻ کان روڪي پئي سگهيو پر عمران خان جارحاڻو انداز اختيار ڪرڻ ۾ پنهنجو سياسي فائدو محسوس ڪيو ۽ پوءِ ان انداز کي ان حد تائين وڃي پهچايو، جنهن سان صورتحال ڳنڀير ٿي

وئي آهي. جيئن 2018 جي عام چونڊن کان اڳ ن ليگ ۽ پيپلزپارٽي کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون هيون، اهڙي طرح هاڻي پي ٽي آءِ مان اڳواڻن کي لاڏائو ڪري رهيا آهن. هن وقت پي ٽي آءِ جا اهم اڳواڻ ايم پي او گرفتار ٿي رهيا آهن. عدليه پي ٽي آءِ اڳواڻن کي ضمانت تي آزاد ڪري رهي آهي ته اڪثر اڳواڻ ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪيا وڃن ٿا. توڙي جو جيترو جلدي هڪ ٻن ڏينهن جي فرق سان پي ٽي آءِ اڳواڻن جون ضمانتون ٿي رهيون آهن پر ان هوندي به فواد چوڌري جي گرفتاري جي خوف کان عدالت طرف ڀاڄ واري سامهون آيل وڊيو ٻڌائي ٿي ته اهو فواد چوڌري جيڪو پنهنجي سياسي مخالفن کي نه ڇڏڻ جون ڏينهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا پريس ڪانفرنس ڪندو هو. اهو پاڻ گرفتاري کان ڪيترو ڊڄي رهيو آهي. بهرحال هن وقت ملڪ جون جيڪي به حالتون آهن انهن بابت مستقبل ۾ موجوده حڪمرانن کي به جواب ڏيڻا پوندا. قومي ادارن تي حملا ڪرڻ کي ڪو به سٺو عمل نٿو چئي سگهي. اهڙي ڏوهه جو مرتڪب ٿيندڙن خلاف پلي ڪاروائي ٿيڻ گهرجي پر سويلين خلاف ڪاروائي سويلين لاءِ منظور قانون تحت ٿيڻ گهرجي. پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان اهو چئي قومي ادارن تي حملا ڪندڙن خلاف آرمي ايڪٽ تحت ڪارروائي جي حمايت ڪئي آهي ته اگر قومي ادارن تي حملا ڪندڙن کي عدالتون رليف ڏينديون ته آرمي ايڪٽ حرڪت ۾ ايندو ڳالهه عدالتن جي ٿي رهي آهي ته اوهان کي ٻڌايان ته ججن جي حوالي سان آيل آڊيو ليڪس جي جاچ لاءِ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ اسلام آباد ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي به ميمبر طور شامل ڪيو ويو آهي. اها ڪميشن ڏسندي ته عدليه بابت ايندڙ آڊيو ليڪس درست آهن يا نه. ڏسڻو اهو آهي ته ڪميشن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿي يا نه ۽ ڪميشن ڇا ان سوال کي به بحث هيٺ آڻي ٿي ته ڇا ڪنهن شهري جي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪرڻ جي قانون اجازت ڏئي ٿو؟ ملڪ جون هن وقت جيڪي حالتون آهن. انهن حالتن ۾ ماڻهو ڪهڙي رخ طرف وڃي سگهن ٿا، ان بابت ڪو ڪجهه نٿو چئي سگهي. حالتون انتهائي سنگين آهن. پي ٽي آءِ جا حامي ته انهن کي ماضي جي مارشلائي دورن سان ڀيٽي رهيا آهن پر هاڻي به پي ٽي آءِ حامي اقتدار ۾ اچڻ جو جيڪو رستو عمران خان اختيار ڪيو، ان کي غلط نٿا سمجهن پر اهو درست آهي ته پي ٽي آءِ جي اڳواڻن لاءِ حالتون ٺيڪ نه آهن.

******

صوفِيءَ سيرُ سيِن ۾، جٿن رڱن ۾ ساهُ؛
سا نه ڪري ڳالهڙِي، جٿن پوين پروڙي پساهُ؛
آهِس اِيُ گناهُ، جي ڪا ڪَري پڌِري

محرم راز: ڇا پاڪستان ايران ۽ سعودي عرب وانگر فيصلا ڪري سگهندو؟

شاهد جتوئي

سعودي عرب ۽ ايران هڪدم ان پراڻي دشمني جو خاتمو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جون پاڙون تاريخ ۾ هزارين سال پراڻيون آهن. ان ڳالهه نه صرف دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي پر آمريڪا ۽ ان جي ساٿارين کي غيرمتوقع پريشانين ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ٻنهي ملڪن جي قيادت اهو فيصلو عالمي حالتن جي تناظر ۾ پنهنجن قومي مفادن کي سامهون رکندي ڪيو آهي. چين پنهنجي وڌندڙ عالمي ڪردار جي ڪري ٻنهي ملڪن کي ڪٿين صدين پراڻي موقف تان هٽڻ لاءِ حالتون پيدا ڪيون. ڇا پاڪستان اهڙو جرئتمنداڻو فيصلو ڪري سگهي ٿو ته آمريڪي ناراضگي جي پرواهه نه ڪندي چين جي قيادت ۾ عالمي صفبندي جو ڪُلي ڪري حصو بڻجي سگهي؟

ڪنهن به ملڪ لاءِ اهڙي وڏي "پاليسي شفٽ" جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته ان ملڪ جو رياستي ۽ اقتصادي ڍانچو ڪهڙي قسم جو آهي ۽ عالمي طاقتن جي زير اثر آهي يا ملڪي قيادت ڪندڙ ڀالمراد ڪنهن قدر سگهارا آهن. پاڪستان جو مسئلو اهو آهي ته ڊگهي عرصي تائين آمريڪي ڪئمپ ۾ رهڻ جي ڪري ان جو رياستي ۽ اقتصادي ڍانچو "آمريڪي قرض" تي بيٺل آهي. پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جي جوڙجڪ به آمريڪي آهي. پاڪستان جي سياسي قيادت به ايتري سگهاري ناهي جو اها پنهنجي طور تي ايڏي وڏي "پاليسي شفٽ" جو ڪُليل فيصلو ڪري سگهي. توڙي جو پنهنجي طور تي ڪجهه قدمن جي ذريعي چين سان لاڳاپن کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي پر ان کي ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو آهي.

1979ع جي ايران انقلاب ڪانپوءِ آمريڪا نواز رياستي ۽ اقتصادي ڍانچو هڪدم ڀهي پٽ پيو توڙي جو پوري طرح اهو ختم نه ٿيو پر ان ڪانپوءِ جيڪا به ايراني قيادت آئي. اها آمريڪا نواز پاليسين کان پري رهي ۽ اها پنهنجون پاليسيون جوڙڻ ۾ خودمختيار آهي. جيستائين ايراني اسٽيبلشمينٽ تي آمريڪي اثر رسوخ وڌيڪ هو تيستائين ايران آمريڪا جي وڪڙ مان نڪري نه سگهيو ايراني صدر محمد مصدق جڏهن آمريڪي پاليسي جي خلاف وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آمريڪي ڪمپنين جا ٺيڪا رد ڪرڻ شروع ڪيا ته 1953ع ۾ مصدق جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. ان تختو اونڌو ڪرڻ جي منصوبي تي برطانيه جي ڳجهي ايجنسي "ايم آءِ 6" ۽ آمريڪي ڳجهي ايجنسي "سي آءِ اي" گڏجي عمل ڪيو. ان منصوبي جي قيادت ڪيرميٽ روزويلٽ جونئر ڪئي. حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ڪانپوءِ ان جي سياسي جماعت نيشنل فرنٽ جو به خاتمو ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ ڪنهن ايران کي آمريڪي ڪوڙڪي مان ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪئي. ايستائين جو شهنشاهِ ايران خلاف آمريڪي مُلن جي قيادت ۾ انقلاب برپا ٿيو. ان انقلاب کان اڳ حقيقي آمريڪا مخالف قوتن کي اڳ ئي ڪمزور ڪيو ويو هو. اسلامي انقلاب به پنهنجي جوهر ۾ آمريڪا مخالف هو. اهو ئي سبب آهي جو ايراني قيادت اندروني مخالفت باوجود سعودي عرب سان دوستي ڪرڻ ۾ بااختيار هئي.

پاڪستان وانگر سعودي عرب به ڊگهي عرصي تائين آمريڪي ڪئمپ ۾ رهيو. شاهه فيصل بن عبدالعزيز پنهنجي وقت جي ٽين دنيا جي ماڻهن سان گڏجي اسلامي دنيا کي متحد ڪرڻ ۽ غيروابسته تحريڪ کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي پنهنجي ڀائيٽيءَ جي هٿان 25 مارچ 1975ع تي قتل ڪرايو ويو. چيو ته ان وقت شاهي خاندان جو هر فرد آمريڪي سازش ۾ قاتل هو. شاهه فيصل ڪانپوءِ سعودي عرب صرف آمريڪي ايجنڊا تي هلندو رهيو. سعودي عرب جي نئين ولي عهد محمد بن سلمان جڏهن آزاد خارجه پاليسي تي عمل شروع ڪيو ته اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڌمڪي واري بيان ۾ چيو ته سعودي بادشاهت آمريڪا جي سهاري تي قائم آهي. اها آمريڪا جي هڪ اشاري سان ختم ٿي سگهي ٿي. ان ڪانپوءِ ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان شاهي خاندان ۾ آپريشن ڪلين اپ شروع ڪري ڇڏيو. شاهي خاندان جي گهڻن ماڻهن کي نه صرف جيل ۾ وڌو ويو پر ڪيترائي شهزادا مارجي پڻ ويا. ان ڪانپوءِ سعودي عرب آمريڪا جي مرضي خلاف ايران سان دوستاڻا لاڳاپا رکڻ جي قابل ٿيو ۽ هاڻي اهو نئين صفبندي ۾ چين جو ساٿ ڏئي رهيو آهي. چين نه صرف سعودي عرب ۽ ايران جي دشمني ختم ڪرائي پر هاڻي هو عرب ليگ کي به ٻيهر متحد ڪري رهيو آهي ۽ ڊگهي عرصي ڪانپوءِ عرب ليگ ۾ شام جي ميمبرشپ به بحال ڪرائي آهي.

عرب دنيا آمريڪي ڪئمپ ۾ رهڻ جي خوفناڪ تجربن مان گذري آهي. عرب ملڪ ۾ "عرب بهار" جي نالي سان جيڪي آمريڪا تحريڪون شروع ڪرايون، انهن عرب دنيا کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ امير ترين عرب ملڪ ٻڪ ۽ بيروزگاري جي عذاب ۾ مبتلا ٿي ويا. اسان اڃا تائين اهو سبق سکي رهيا آهيون. اسان اڃا تائين اهو سمجهي نه سگهيا آهيون ته آمريڪا اُسرندڙ دنيا جي جنهن به ملڪ سان دوستي ڪئي يا جنهن خطي ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌايو ان ملڪ ۽ خطي کي ڀهرين غير مستحڪم ڪيو اتي رتوڇاڻ ڪرائي. انهن سان پنهنجا هٿيار وڪرو ڪيا. انهن علائقن ۾ سي آءِ اي ۽ بليڪ واٽر جهڙين تنظيمن جو نيٽورڪ مضبوط ڪيو اتي جي اصل حڪمران اسٽيبلشمينٽ جي ماڻهن جي تربيت ڪئي ۽ انهن جي ٻارن کي آمريڪا ۾ سيٽل ڪيو ۽ انهن کي اتي ڪاروبار جا موقعا فراهم ڪيا. آمريڪا انهن ملڪن ۽ خطن ۾ قومي سياسي تحريڪن جو خاتمو ڪيو ۽ حقيقي عوامي قيادت کي رستي تان هٽايو. ذوالفقار علي ڀٽو به آمريڪي سامراج جي دشمني جي ورچڙهي ويو. آمريڪا جو انداز اهو آهي ته هو جنگين، بدامني، سياسي انتشار ذريعي پنهنجي دوست ملڪن کي ڪنٽرول ڪندو آهي. جڏهن ته چين پنهنجي سرمائيڪاري ۽ گڏيل ترقي ذريعي عالمي سياست ۾ پيشقدمي ڪري رهيو آهي. پاڪستان جو رياستي ڍانچو چين وٽان ٿيندڙ معاشي مفادن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي صلاحيت نٿو رکي، اهو دهشتگردي جي معيشت ۽ ڪروني Crony ڪيپٽلزم تي قائم آهي. پر اميد افزا تبديلي اها آهي ته آمريڪا جنهن پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ کي نپايو هاڻي اها ان جي وڃهو غير اهم ٿي وئي آهي. اسٽيبلشمينٽ کي هاڻي سياسي قوتن سان گڏجي آزاد پرڏيهي پاليسي جوڙڻي پوندي. ان ۾ پاڪستان جو بچاءُ ۽ سلامتي جو راز لڪل آهي. اسٽيبلشمينٽ کي انهن عنصرن کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪي اڃا تائين آمريڪي ڪئمپ مان نڪرڻ جي مزاحمت ڪري رهيا آهن ۽ سياسي پروجيڪٽن تي ڪم ڪري رهيا آهن. بدلجندڙ حالتن ۾ چين جو ساٿ خود اسٽيبلشمينٽ جي بقا لاءِ ضروري به آهي. انڪري آزاد سياسي عمل جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو. ته جيئن سياسي قوتون ايران ۽ سعودي عرب وانگر جرئتمنداڻا فيصلا ڪري سگهن.

بقايا 01

ذريعي پارليامينٽ جي منظوري کان سواءِ ڪو فنڊ ڪنهن مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ناڻي واري وزارت چيو آهي ته ڪجهه قومي اخبارن ۾ رپورٽ ڪيو ويو آهي ته آءِ ايم ايف جي معاهدي تي صحيح ۾ دير جو سبب اهو آهي ته آءِ ايم ايف ناڻي واري وزارت طرفان يقين ڏهاني چاهي ٿو ته فنڊز سياسي مقصد لاءِ استعمال نه ڪيا ويندا. ان حوالي سان ناڻي واري وزارت وضاحت جاري ڪئي آهي ته اها خبر ڪوڙي ۽ بي بنياد آهي، چيو ته آءِ ايم ايف ڪڏهن به حڪومت سان اهڙن خدشن جو اظهار نه ڪيو آهي ۽ نه ئي بجيٽ ذريعي پارليامينٽ جي منظوري کان سواءِ ڪي به فنڊ ڪنهن مقصد جي لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 02

فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي جنهن دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ ملوث هئا. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نائيڪ محمد عتيق ۽ نائيڪ رجب علي شهيد ٿيا. دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. اسان جي بهادر سپاهين جون قربانيون دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان جي ارادن کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون آهن.

بقايا 03

ناهي ٿيو. روس سان ويڙهه جاري آهي. ميڊيا رپورٽن موجب باخموت شهر يوڪرين فوجين جي رسد جو اهم مرڪز آهي. جنهن تي روس جي نيم فوجي دستي، ويگنر گروپ قبضي جي دعويٰ ڪئي آهي. ويگنر گروپ جي سربراهه جو چوڻ هو ته باخموت شهر تي مڪمل قبضو ڪيو ويو آهي. باخموت جو ڪنٽرول جلد روسي فوج جي حوالي ڪري ڇڏينداسين. ويگنر گروپ موجب ويگنر گروپ جا دستا 25 مئي کان باخموت مان واپسي شروع ڪندا.

بقايا 04

هاڻ هو آمريڪا کان مدد گهري رهيو. ڪجهه به ٿي وڃي پر هاڻ عمران خان کي جيل ياترا ڪرڻي پوندي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي صوبائي وزير ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو ته بلاول ڀٽو اڄ 3 ڏينهن جي دوري تي ڪشمير وڃي رهيو آهي. بلاول جو هر پرڏيهي دورو ڪامياب رهيو. هن هر فورم تي ڪشمير جو ڪيس وڙهيو. اسان ڪشمير جي معاملي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪنداسين. شرجيل ميمڻ چيو ته مودي اقتدار ۾ اچي ڪشمير جي حيثيت تبديل ڪري ڇڏي. ڪشمير جي حيثيت عمران خان جي دور ۾ تبديل ڪئي وئي. پي ٽي آءِ چيئرمين ڪشمير تي تمام گهڻيون غلطيون ڪيون. هن پاڪستان ڪاز کي به نقصان پهچايو. عالمي سطح تي پاڪستان جي عزت کي مجروح ڪيو ويو ۽ ملڪي ادارن جي تنقيد ڪئي. اڄ تائين ڪنهن به حڪمران اهڙي طرح پنهنجي ادارن تي تنقيد نه ڪئي آهي. صوبائي وزير چيو ته عوام کي چوان ٿو ته خدا جي واسطي پنهنجون اکيون کوليو اڳواڻ جو مطلب آهي ته اهو قوم کي صحيح ۽ غلط جو ٻڌائي ۽ قوم کي صحيح رستي تي وٺي

هلي. عمران خان صرف پنهنجي اقتدار جي لاءِ قوم سان ڪوڙ ڳالهائيندو آهي. عوام منافقت خلاف اکيون کولي. شرجيل ميمڻ چيو ته اسان سياسي ماڻهو آهيون، ڪنهن کي جيل ۾ ڏسي خوش ناهيون ٿيندا. سياست ۾ اختلاف راءِ هوندي آهي. دشمني نه هوندي آهي. هڪ ملڪ ۾ رهندڙ سڀ هڪ قوم آهن پر عمران خان قوم ۽ ادارن کي وڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي. شرجيل چيو ته ماڻهن کي جهازن ۾ ڀري آندو ويو ۽ عمران خان جي حڪومت ناهي وئي، هن پاڻ کي آئيندي کي به شرمنده ڪيو هي ڀهرين وزيراعظم آهي جنهن کي عدم اعتماد ذريعي هٽايو ويو هن ۾ رياست هلائڻ جي ڪا اهليت نه آهي. هن پرڏيهه ۾ رهندڙن کي چيو ته مون کي آرمي چيف هٽايو آهي پاڪستان جي عوام آڏو آمريڪا جو نالو ڪٺي رهيو آهي. عمران خان جي بيانن ۾ تضاد نه صرف منافقت آهي. س

بقايا 05

اجلاس ۾ پنجاب حڪومت پاران 9 مئي جي گرفتارين ۽ ڪاروائين جي رپورٽ پيش ڪئي وئي. وزيراعظم شهباز شريف کي وفاقي حڪومت جي قدمن تي بريفنگ ڏني وئي. ملاقات دوران ملڪي سياسي صورتحال تي به مشاورت ڪئي وئي. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته 9 مئي تي عمران نيازي جي حڪم تي سندس گروپن دهشتگردي ڪئي. عمران نيازي اهو ڪيو جيڪو دشمن 75 سالن ۾ نه ڪري سگهيو. 9 مئي تي عمران نيازي جي قيادت ۾ عوام دشمن قوتون برداشت ڪندي رهندي. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته شهري تنصيبات جي حملن ۾ ملوث ماڻهن جا ڪيس دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ۾ هلايا ويندا ۽ فوجي تنصيبات تي حملن جا ڪيس فوجي عدالت ۾ قانون موجب هلايا ويندا. وزيراعظم چيو ته 9 مئي جي واقعن جي رٿابندي ڪندڙ به قانون جي گرفت کان بچي نه سگهندا. اشتعال انگيزي، نعريبازي ۽ ڀڃ ڊاهه ۾ ملوث ڪنهن کي به نه بخشيو ويندو.

بقايا 06

۾ منتقل ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ طرفان جاري ڪيل ٻڌائي موجب، 177 ڪارڪنن کي ايم پي او تحت گرفتاري ڪري ٻين شهرن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. ٻڌائي ۾ چيو ويو آهي ته 300 کان وڌيڪ عام شهرين کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. جيڪي پي ٽي آءِ جا ڪارڪن نه آهن پر اسان جي نظريي جا حامي آهن. پي ٽي آءِ ٻڌائي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سٺ کان وڌ انگ اهڙن ماڻهن جو به آهي جن جا ايم پي او اڃا تائين جاري ناهن ڪيا ويا، انهن ماڻهن کي اڻڄاتل هنڌن تي رکيو ويو آهي جن بابت ڪائي معلومات به پئي ڏني وڃي.

بقايا 07

وي فوٽيجز سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته دروازو نه کولڻ تي اهلڪار دروازو ٽپي گهر داخل ٿيندا آهن رپورٽن موجب تحريڪ انصاف اڳواڻ مراد سعيد جي غير موجودگي تي پوليس اهلڪار واپس روانا ٿي ويا. پي ٽي آءِ اڳواڻ سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي ٽوئيٽ ڪندي لکيو آهي ته منهنجي مٿان ٿي اوهان طرفان بندوقون سڌيون ڪرڻ نهن ٿيون. مون ملڪ جي حمايت تي سوديبازي نه ڪئي آهي نه ئي وري قوم جي

بقايا 08

غيرت کي گروي رکيو. اسان جي چادرچوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ اوهان کي نهي ٿي؟ واضح رهي ته تحريڪ انصاف جي شاهه محمود قريشي، اسد عمر، فواد چوڌري، شيرين مزاري، فردوس شمير نقوي ۽ علي زيدي سميت ڪيترائي اڳواڻ گرفتار ٿي چڪا آهن.

بقايا 08

جي خلاف مختلف طريقا استعمال ڪريون ٿا خاص ڳالهه ٻولهه ۾ آئي جي سنڌ چيو ته ڪچي جو مسئلو گهڻو پراڻو آهي جڏهن ته پوليس جي حڪمت عملي سان ئي مسئلو صرف چئن ضلعن تائين موجود آهي پوليس جي پلان جي نتيجي ۾ هني ٽيپ جو خاتمو ڪيو ويو هن چيو ته ڪچي جا ڌوهاري پنگ ۽ ٻين ڌوهن ۾ ملوث آهن گڏوءِ سکر ٻئراج جي وچ ۾ هي اشو آهي گهوٽڪي، سکر، ڪشمور جو ڳچ حصو محفوظ آهي ڏاڙيل درياهه سان گڏ موجود ننڍي ننڍي ٻيٽ کي استعمال ڪن ٿا آئي جي سنڌ چيو ته سنڌ حڪومت 275 ڪرمنلز تي انعام رکيو 20 جي لڳ ڀڳ ماڻهو سرينڊر ڪري چڪا آهن سرينڊر ڪندڙن سان زيادتي نه ٿيندي غلام نبي ميمڻ چيو ته اسلحي سان فرق نٿو پوي جيڪڏهن ڪرمنلز وٽ جديد هٿيار آهن ته اسان به جديد هٿيار خريد ڪنداسين.

بقايا 09

. ياد رهي ته آڊيو ليڪس واري معاملي تي وفاقي سرڪار جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٽي رڪني جڊيشل ڪميشن جوڙي ڇڏي آهي.

بقايا 10

آهي جنهن ۾ هن 23 مئي تي 190 ملين پائونڊز ڪيس جي جاچ ۾ حصو بنجڻ تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. عمران خان جواب چيو آهي ته 23 مئي تي مختلف ڪيسز جي سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ هوندس. عدالتن مان فارغ ٿي 11 وڳي نيب ٽيم آڏو پيش ٿيندس. تحريڪ انصاف چيئرمين نيب کان انڪوائري رپورٽ جي نقل اماڻڻ يا وڪيل کي فوري طور ڏيڻ جو به مطالبو ڪيو آهي. واضح رهي ته ان کان اڳ اڳوڻي وزيراعظم کي 18 مئي تي طلب ڪيو ويو هو پر هو پيش نه ٿيو هو. هن پنهنجي لکت واري جواب ۾ چيو ته نيب قانون آئين کان ٽڪراءَ آهي. قومي احتساب بيورو جمعي تي عمران خان کي ٻيهر نوٽيس جاري ڪندي 23 مئي 2023 تي صبح 10 وڳي نيب راولپنڊي ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو.

بقايا 11

آهي. آزاد ڪشمير پهچڻ تي ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هو آزاد ڪشمير جي پارليامينٽ کي به خطاب ڪندو. هن چيو ته هو ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ۾ منعقد ڪندا. پرڏيهي وزير چيو ته پارٽ سمجهي ٿو ته هو ڪانفرنس ذريعي ڪشميرين جي آواز کي دٻائي سگهي ٿو پر اسان دنيا کي پارٽ جو اصل چهرو ڏيکاري رهيا آهيون. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آيو آهيان.

بقايا 12

موجود: حڪومت عوام جي نظر ۾ ڪري چڪي آهي. ملڪ جون معاشي حالتون خوفناڪ ٿي ويون آهن. شيخ رشيد چيو ته آڊيو ليڪ جاچ ڪميشن چيف جسٽس جي مشوري کان سواءِ پلي چوڻ ناهي وڃي پر آئيني ۽ قانوني فيصلو چيف جسٽس طرفان ڪيو ويندو ۽ سوپ عدليه جي ٿيندي. اڳوڻي گهرو وزير سماجي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي ٽوئيٽ ڪندي چيو ته الله کي خبر آهي ته مائنس ڪير ٿيندو يا پلس ڪير ٿيندو هاڻي اهو تي رهندو ۽ فيصلو هن هفتي تي ويندو. هن چيو ته عدليه جي سوپ ٿيندي پوءِ پلي آڊيو ليڪ جاچ ڪميشن چيف جسٽس جي مشوري کان سواءِ چوڻ نه ناهيو وڃي. شيخ رشيد چيو ته سموري قوم جناح هائوس ۽ جي ايڇ ڪيو تي حملي جي نه صرف مذمت ڪري ٿي پر ڏڪويل آهي بيگناهه شهرين جي گرفتارين سان ادارن جي ساک کي نقصان پهچندو. موجوده حڪومت عوام جي نظر ۾ ڪري چڪي آهي جيڪو به هن حڪومت جو ساٿ ڏيندو اهو ٻڏي ويندو هن چيو ته جيڪي پارٽيون تبديل ڪري رهيا آهن انهن جي حيثيت ڪنوار جي هڪ رات کان وڌيڪ نه آهي. 2 يا 3 مهينا ساهورن ۾ جيل ڪاٽڻ سان قيامت نه ايندي پر وڪرو ٿيڻ جو داغ ڪڏهن به ناهي متجندو. نسلي ۽ اصلي مشڪل وقت ۾ ساٿ ناهن ڇڏيندا آهي جبل جيان ڄمي بيهندا آهن. هن چيو ته معاشي حالتون وڌيڪ خوفناڪ ٿي ويون آهن اسيمبلي ۾ وڃڻ يا نه وڃڻ سان ڪو به فرق نه پوندو.

بقايا 13

بقايا 14

جي دشمنن سان ڪيو ويندو آهي. سيالڪوٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خواجه آصف چيو ته اسان ڪنهن جا به بنيادي حق نه ڦري رهيا آهيون. قانون جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ نه هوندو. مان ڪنهن جي به حب الوطني تي شڪ نه ڪندو آهيان پر 9 مئي تي آرمي تنصيبات تي حملو ڪندڙن جي نيت ۽ ملڪ جي مٽي سان رشتي تي سواليه نشان نظر اچي ٿو هن چيو ته پي ٽي آءِ قيادت ادارن کي ٽارگيٽ ڪري رهي آهي. عمران خان ٻين ملڪن کي به شامل ڪري رهيو آهي. پاڪ فوج جون قربانيون اسان جي تاريخ جو اهم حصو آهن. پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان محبت ڪري ٿي. هي وقت آهي ته سموري قوم گڏ ٿي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ۽ هن رشتي کي وڌيڪ مضبوط بنائي. سينئر ليگي اڳواڻ چيو ته هڪ شخص صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ اثاثن تي حملو ڪيو. ايئربيس تي حملو دشمن ڪندو آهي ڪو به محب وطن قومي اثاثن تي حملو نٿو ڪري سگهي. سياستدان وٽ اقتدار ايندو ۽ ويندو رهندو آهي پر اسان ڪڏهن به پاڪ فوج سان پنهنجي رشتي تي سواليه نشان نه ناهيو آهي. خواجه آصف وڌيڪ چيو ته قانون موجب بنيادي حقن جي حفاظت ڪئي ٻئي وڃي. حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. قانون جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ نه هوندو. فوجي تنصيبات تي حملو ڪندڙن سان اهوئي سلوڪ ڪيو ويندو جيڪو قانون موجب پاڪستان جي دشمنن سان ڪيو ويندو آهي. هوڏانهن سيالڪوٽ ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ دفاع واري وزير خواجه آصف خصوصي طور شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪ فوج زنده باد جا نعرا لڳايا. دفاع واري وزير چونڊه ۾ شهيدن جي يادگار جو به دورو ڪيو

بقايا 15

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق لاهور ۾ هجڻ سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جسٽس فائز عيسيٰ سان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي ملاقات هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين جاري رهي. ملاقات ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي نئين عمارت ۾ منتقل ڪرڻ بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ذريعن موجب ججن وچ ۾ ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جسٽس فائز عيسيٰ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي چانهه ۽ ڪافي سان تواضع ڪئي وئي.

بقايا 16

احسن اقبال چيو ته 9 مئي تي شهيدن جي يادگارن کي نشانو بنائيندي باهيون ڏنيون ويون. جناح هائوس ۽ شهيدن جي يادگارن تي حملو افسوسناڪ آهي. هن چيو ته عمران نيازي پنهنجي حمايتين کي انتهاپسندي طرف مائل ڪيو ۽ چيو ته آمريڪا کان ڊڪٽيشن چو وٺون. هي پنهنجي نااهلي ۽ ضد سبب عوام کي رليف ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو موجوده حڪومت کي امپورٽڊ چيو. ملڪ دشمني جي آڌار تي ادارن خلاف مهم هلائي ۽ قومي ادارن تي تنقيد ڪئي. احسن اقبال اڳوڻي وزيراعظم تي تنقيد ڪندي چيو ته پنهنجي شڪست مڃڻ بجاءِ عمران خان آمريڪي سازش جو ڊرامو ڪيو عمران خان جي سياست کي پاڪستان ۾ مشهوري نه ملي. عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ حدفن کي نشانو بنائڻ جو چيو ويو. ان کان پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي سياسي احتجاج نٿو چئي سگهجي. ڪو به معاشرو احتجاج کي ڀڃ ڊاهه ۽ گهيراءُ ۾ تبديل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي. هن چيو ته پاڪستان جا دشمن خوشيون ملهائي رهيا آهن چو ته جيڪو ڪم عمران خان ڪري رهيو هو، اهو ڪم ڪروڙين اربين رپيه خرچ ڪري به هو نٿي ڪري سگهيا. احسن اقبال چيو ته هاڻ عمران جي هڪ ٻئي آڊيو سامهون آئي آهي. آئين توڙيندڙ اڄ ملڪ ۾ آئين. قانون جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. سي پيڪ تباهه ڪندڙ معيشت جي بهتري جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. مسلم ليگ (ن) جي حڪومت پاڪستان کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو. پاڪستان جي

بقايا 17

ترقي کي عمران خان جي انا پرستي ذريعي ڪريش ڪرايو ويو. اسان مائنس ۽ پلس جي سياست تي يقين نٿا رکون. اسان سزا ۽ جزا تي يقين رکندا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته هي ماڻهو پاڪستان کي ڪمزور ڪري غلامي طرف ڌڪڻ چاهين ٿا. مان مطالبو ٿو ڪريان ته ملوث ماڻهن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 17

۾ گهنٽه گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين "امن مارچ" ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن، عالم سڳورن، صحافين ۽ ٻنگ عيوض اغوا ٿيل ماڻهن جي وارثن نُهتن اُس ۽ شديد گرمي باوجود وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. امن مارچ کي خطاب ڪندي محمد حسين محنتي چيو ته سنڌ خاص طور تي ضلع ڪنڌڪوٽ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي تي وڏي وزير جي استعفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته پوليس ڏاڙيلن سان ٻٽ آهي. ايڏي وڏي بجٽ هجڻ باوجود پوليس ۽ رينجرز ڪهڙي ڪم جي. نه ڪنهن جي جان محفوظ آهي نه مال. هن وقت به ضلعي مان درجنين ماڻهو اغوا ٿيل آهن. پر انتظاميه جي ڪن تي جون به نٿي سُري. سوال اهو آهي ته ڏاڙيلن وٽ جديد هٿيار ڪٿان ٿا اچن؟ پوليس بااثر ماڻهن ۽ ڏاڙيلن جو نيٽ ورڪ ختم ڪرڻ کان سواءِ اغوا انڊسٽري جو خاتمو ممڪن ڪونهي. پ پ گذريل 15 سالن کان سنڌ ۾ اقتدار ۾ آهي. پر پوءِ به سنڌ جا ماڻهو بنيادي سهولتن ۽ امن کان محروم آهن. عوام کي هاڻي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. بي امني جو نوٽيس نه ورتو ويو ته بلاول هائوس يا سنڌ اسيمبلي تي ڌرڻو هڻنداسين. هندو واپارين کان ويندي هاڻي عورتون به ڏاڙيلن کان محفوظ ڪونه آهن. پوليس ناڪامي جو اعتراف ڪري. گورهاري عورت ۽ معصوم ٻار تي مهينا ڏاڙيلن جي قيد ۾ هئا جيڪا شرمناڪ ڳالهه آهي. ٻن مهينن اندر ڪوڙن مقابلن ۾ پوليس هٿان قتل ٿيندڙ 09 ماڻهو اڳ ۾ ئي پوليس جي حراست ۾ هئا جن کي عدالت کان مٿاهون قتل ڪيو ويو آهي. ان معاملي تي عدالتي انڪوائري قائم ڪرڻ گهرجي. پوليس گردي جي ڪري عوام جو مٿس اعتماد ختم ٿي چڪو آهي. سچ لهڻ کان پوءِ روڊ رستا ويران. اغوا توڙي ڀتي جي ڪري ماڻهو گهرن ۾ قيد ٿي وڃن ٿا. صوبائي امير وڌيڪ چيو ته امير جماعت سراج الحق تي حملو جماعت اسلامي کي حق ۽ سچ جي راهه واري جدوجهد کان روڪڻ جي سازش آهي. اسان پرامن جدوجهد جاري رکنداسين. آزاد ميڊيا اسان جو هٿيار، سوشل ميڊيا تي پابنديون لڳائڻ حڪومتي ناڪامي آهي. حڪومت آزاد ميڊيا کان ڊڄي ٿي. ڪراچي ۾ پ پ حڪومت جماعت اسلامي جي مينڊيٽ کي تسليم ڪري. ڌونس ڌانڌلي ۽ ارن حيلن کي هاڻ ڪامياب ٿيڻ ڪونه ڏينداسين. اسان عوامي خدمت تي يقين رکڻ وارا ماڻهو آهيون. ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ڏاڙيلن پاران پوليس وارن کي قتل ڪرڻ سازش آهي. پوليس جي ناڪامي سنڌ حڪومت جي ناڪامي آهي. هڪ طرف ڏاڙيل راڄ ٻي طرف قبيلائي جهيڙن جي ڪري ڪنهن به ماڻهو جي جان محفوظ ڪونه آهي. تعليمي ادارا ويران ۽ زرعي زمينون برباد ٿي ويون آهن. ڪچي ۾ ڏاڙيلن خلاف فوجي آپريشن وقت جي ضرورت آهي. امن مارچ کي صوبائي نائب امير حافظ نصرالله چنا، مولانا عبدالحفيظ بجارائي، ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميرائي، اسلامڪ لائرزموومنٽ جي ضلعي صدر آغا ڪليم الله خلجي، مقامي امير عبيد الله گولي ۽ مجاهد چنا پڻ خطاب ڪيو.#

بقايا 18

. پوليس ذريعن موجب، نو مئي جي واقعن ۾ ملوث شرپسندن جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي. لاهور مان هنيٽر تائين اٽڪل ڏيڍ هزار شرپسندن گرفتار ٿي چڪا آهن. رات دير سان اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گهرن تي ڇاپا هنيا ويا. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته شرپسندن جي پرتشدد ڪارروائين ۾ 162 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار زخمي ٿيا. پنجاب ۾ پوليس جي استعمال هيٺ سرڪاري گاڏين کي نقصان پهچايو ويو. ٿاڻن ۽ آفيسن سميت پاورهه سرڪاري عمارتن کي شديد نقصان پهچايو ويو.

بقايا 19

يونين ڪائونسلون ختم ڪيون ويون. اسان جي اليڪشن نه وڙهڻ سبب 53 يونين ڪائونسلون واپس آيون. اسان کي اها بلدياتي اليڪشن قبول ناهي. هن چيو ته ڪراچي جي ماڻهن جي صحيح ڳڻپ نه ٿي رهي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب ڪراچي ۾ 98 سيڪڙو مردم شماري مڪمل ٿي چڪي آهي. مصطفيٰ ڪمال جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهي اسان کي سهولتون نه ڏئي رهيا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ڳڻيو. 75 سالن کانپوءِ به اسان جي صحيح ڳڻپ نه ٿي رهي آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ وڌيڪ چيو آهي ته

بقايا 20

ڪراچي جي سمورن ماڻهن کي ڳڻيو وڃي ته کهڙو مسئلو ٿيندو؟ سندس اهو به چوڻ آهي ته ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس جي تجديد ڪئي پئي وڃي. ڪراچي ۾ بجلي لاءِ هڪ کان وڌيڪ ڪمپنيون هجڻ گهرجن.

بقايا 21

ڪرائي ڏيڻ جي اپيل ڪئي وئي. آهيفشر فوڪ فورم جي اڳواڻ ياسمين شاهه چيو آهي ته پارٽي جيلن مان مهاڻن جي آزادي سلو سنوڻ آهي. سرڪار پارٽي جيلن ۾ قيد ٻين ملاحن جي آزاديءَ لاءِ به پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته خير سڳالي واري جذبي تحت پارٽ جي گرفتار ڪيل ملاحن کي به آزاد ڪيو وڃي

بقايا 22

پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آڻي ورتو

بقايا 23

مختلف فلورمز وٽ 2 ڏينهن جو ڪڻڪ ذخيرو رهجي ويو آهي. چوڻ سنڌ حڪومت لڪت ۾ فلورملز ايسوسيئيشن سان ڪيل معاهدي تان ڦري وئي آهي. هن ٻڌايو ته سنڌ جي خوراڪ کاتي سان اهو معاهدو طئي ٿيو هو ته 15 مئي کان پوءِ اندرون سنڌ مان ڪڻڪ ڪراچي آڻڻ تي پابندي ختم ڪئي ويندي پر بدقسمتي سان اڃان تائين ڪڻڪ ڪراچي آڻڻ تي پابندي ختم ناهي ڪئي وئي جنهن سبب ڪراچي جا رهواسي ملڪ ۾ سڀني کان وڌيڪ مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن چوڌري عامر عبدالله ٻڌايو ته ڪراچي جون ڪيترين ئي فلورملز خشڪ ٻيل آهن ۽ ڪڻڪ جي موجود نه هجڻ سبب فلورملز هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ بند ٿي وينديون. 3 ڪروڙ آبادي رکندڙ ڪراچي کي روزاني ڪڻڪ جي ضرورت 10 هزار ٽن آهي جتي ڪوٽ سبب هڪ سٺو ڪلو گرام ڪڻڪ جي ٻوري 12300 رپين تي پهچي چڪي آهي

بقايا 24

آيو. پوليس موجب ميچ دوران تماشائين جي وڏي انگ اسٽيڊيم ۾ زبردستي داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي سبب ڀاڄ پئجي وئي. پوليس جو چوڻ هو ته هيل تائين 12 ڄڻا فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي آهي جڏهن ته ڪيئي زخمي آهن جن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 24

مان گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب موبائيل فون لوڪيشن جي مدد سان جوابدار کي گرفتار ڪري ڪراچي منتقل ڪيو ويو

بقايا 25

آهي ته جاچ ڪري حقيقتون عوام جي سامهون آنديون وڃن. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سراج الحق چيو ته مون کي چيو ويو آهي ته بلٽ پروف گاڏي استعمال ڪريان. جيڪا حڪومت تحفظ نٿي ڏئي سگهي اها ايوان ڇلائي ڏي. هن چيو ته هو بلوچستان جي حقن لاءِ آواز اٿاريندا رهندا. صوبي جو مستقبل روشن آهي. 19 مئي تي ژوب ۾ جلسو هو ان موقعي تي مٿس آپگهاتي حملو ٿيو الله جو شڪر آهي حملي کي ناڪام بڻايو ويو سندس چوڻ هو ته بلوچستان جا ماڻهو پاڻي لاءِ تڙپي رهيا آهن. هتي بدامني ۽ بيروزگاري آهي. مولانا هدايت الرحمان گوادر جي عوام جي حقن لاءِ ڌرڻو هنيو. سندس هاڻي به عزم آهي ته بلوچستان کي اڪيلو نه ڇڏيندا. جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو ته ملڪ جو سڀ کان وڏو ۽ قدرتي زخيرن سان مالا مال صوبو بارود جو ڍير بڻجي ويو آهي. بلوچستان جي مسئلن کان وفاقي ۽ صوبائي حڪومت اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن. سراج الحق چيو ته بلوچستان ۾ هڪ ڪلو ميٽر به موٽروي ناهي. ڏهن ورهين کان صوبي ۾ رودن، سي پيڪ ۽ خوشحالي جا نعرا ٻڌي رهيا آهن. هتي اهڙو ڪجهه نظر نٿو اچي. بدامني ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ آهي. سراج الحق چيو ته ڪيس مٿس ٿيل آپگهاتي حملي بابت جاچ کان آگاهه ناهي ڪيو ويو. هن کي ڪنهن قسم جي سيڪيورٽي ٿريٽ نه ملي هئي. هن چيو ته آپگهاتي حملي ۾ ڪير ڪير ملوث آهي. هڪ شهري طور هو ڄاڻڻ چاهي ٿو. حڪومت کان مطالبو آهي ته حقيقتون عوام جي آڏو آنديون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته هنن ملڪ ۾ ڀڃ ڊاهه جي مذمت ڪئي آهي. ڀڃ ڊاهه سان سياست ۽ جمهوريت کي نقصان پهچندو آهي. آمريڪا کي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو حق ناهي.

بقايا 26

دوران هٿياربند قطري سفارتخاني تي حملي ڪري ڌني پرڏيهي خابرو اداري موجب سعودي عرب جي ثياڪرڙي ۽ عالمي قوتن جي انساني همدردي تحت جنگ بندي جي هر هر مطالبن باوجود سوڊان جي راڄڌاني ۾ چتي ويڙهه جاري آهي. چتي ويڙهه دوران راڄڌاني خرطوم جو جاڙي شهر اومدرمان ۾ سرڪاري ٽي وي جي عمارت

جي چوڌاري وارو علائقو ٻمباري جو نشانو بڻجندو رهيو. ان دوران هٿياربندن قطر جي سفارتخاني تي حملو ڪري ڏنو هٿياربند سفارتخاني ۾ داخل ٿيا ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي. عمارت کي باهه لڳائڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي حملي جي وقت قطري سفارتخاني ۾ عملو موجود نه هو

بقايا 27

ڊاڪٽرن جي هڪ ٽيم جوڙي وئي آهي ڊاڪٽر گنڊريل اڍائي سالن کان آنڊي جي ڪينسر ۾ مبتلا آهي. سندس گهروارن طرفان عوام ۽ شهرين کي دعا جي اپيل ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي سوشل ميڊيا تي اها خبر باهه جيان پکڙجي وئي آهي ته ڊاڪٽر سيمي جمالي لاڏاڻو ڪري وئي آهي. ذريعن موجب اهي خبرون حقيقتن جي ابتڙ آهن. سيمي جمالي علاج هيٺ آهي ۽ سندس حالت سڌرندڙ آهي.

بقايا 28

موجب هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ راجستان ۾ مگ 21 ويڙهاڪ جهاز ڪري تباهه ٿي ويو هو. حادثي سببن لاءِ جاري جاچ ۾ هن وقت تائين ڪا اڳيرائي نه ٿيڻ جي بنياد تي سڀني جهازن کي گرائونڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سينئر دفاعي عهديدارن ٻڌايو ته مگ 21 جي جهازن کي ان وقت تائين گرائونڊ ڪيو ويو جيستائين جاچ نه ٿي وڃي ۽ حادثي جي سببن جو پتو نٿو لڳايو وڃي. راجستان ۾ ڪري تباهه ٿيل ويڙهاڪ جهاز معمول جي تربيتي اڏام تي اهو ته دوران ان سان حادثو پيش آيو هو جنهن ۾ پائليٽ زخمي ٿيو هو

بقايا 29

جي شرم جوڳي گفتگو منظر عام تي اچي وئي آهي. منظرعام تي آيل وڊيو ۾ سياسي پارٽي جي وڳوڙين جي شرم جوڳن جملن پارٽ کي به پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. حملي جي نئين وڊيو ۾ چرڪائيندڙ منظر ۽ شرم جوڳي ڳالهه منظرعام تي اچي وئي. سامهون آيل وڊيو ۾ ڪهڙي بي حيائي سان پارٽي فلم جو ڊائيلاگ "گهر ۾ گهڙي مارينداسين" ورجايو پيو وڃي. باهه ڏيڻ جا منظر ثابت ڪري رهيا آهن ته ڪيئن ڀرپور تياري سان سياسي وڳوڙي منظم نموني جناح هائوس کي باهه لڳائي. جناح هائوس ۾ لاٽر جي پيٽرول سان ڪاٺ جي اسٽينڊ کي باهه ڏيڻ ۽ صوفا سيٽ باهه ۾ اڇلائي وڌيڪ باهه ڀڙڪائڻ جا منظر واضح طور ڏسي سگهجن ٿا. ملڪ کان آزادي جي طلبگار ضمير وڪرو ڪندڙن جناح هائوس ۾ وڳوڙ ڪندي اسان وٽي رهنداسين آزاديءَ جا نعرا هڻي دشمن کي به خوش ڪري ڇڏيو وڳوڙي پنهنجي بغض ۽ سياسي شدت پسندي ۾ سڀ ڪجهه وساري ويا. هو اهو به وساري ويا. ڪريل ڏوهه ڪرڻ بعد هو قانون جي پڪڙ کا نٿا بچي سگهن. اهي ترديد نه ٿيڻ جوڳا منظر عوام پنهنجي اکين سان 9 مئي تي به ڏٺا هئا ۽ هاڻي به ڏسي رهيو آهي. ڪابه هٽ ڌرمي پروپيگنڊا نه سچ کان انڪار ڪري سگهي ٿي نه ئي حقيقت کي لڪائي سگهي ٿي.

بقايا 30

داخل ٿيا آهن عمران خان انهن کي بنياد بڻائي آمريڪا کان مدد گهري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته عمران خان ڀهريان آمريڪا تي الزام هنيو ته ڪيس هٽائڻ واري سازش آمريڪا ڪئي اڄ آمريڪي ڪانگريس جا ميمبر ڪپتان جي حق ۾ ڳالهائي رهيا آهن. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته عمران خان هاڻي چئي رهيو آهي ته جنرل باجوا سندس حڪومت ختم ڪرائي. پي ٽي آءِ ۾ پرويز الاهي کي شامل ڪرائڻ وارو باجوا آهي اهو پاڻ پرويز الاهي چئي چڪو آهي. آخر ۾ عمران خان چوندو ته بشريٰ بي بي حڪومت خلاف سازش ڪئي آهي هن چيو ته ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو هوندو ته بهتر نموني ڪم ڪري سگهندو. تحريڪ انصاف جي اڪثريت جماعت اسلامي سان اتحاد جي حق ۾

ناهي. سندس چوڻ هو ته پ پ جو ميئر ٿي وڃي ته قبضو آهي ۽ جماعت اسلامي جو ميئر ٿي ته ٺيڪ آهي. ڪراچي ۾ ورهائڻ جي سياست کي هٿي نه ڏيڻ گهرجي. عمران خان ۽ حافظ نعيم الرحمان پنهنجي هوڏ تي قائم آهن صوبائي وزير سعيد غني چيو ته ڪراچي جي ميئر جي چونڊ شو آف هينڊ وسيلي ٿيندي. جيڪي چيئرمين گرفتار آهن قانون موجب انهن کي چونڊن واري ڏهاڙي آندو ويندو.

بقايا 31

جي دشمنن سان ڪيو ويندو آهي. سيالڪوٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي خواجه آصف چيو ته اسان ڪنهن جا به بنيادي حق نه ڦري رهيا آهيون. قانون جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ نه هوندو. مان ڪنهن جي به حب الوطني تي شڪ نه ڪندو آهيان پر 9 مئي تي آرمي تنصيبات تي حملو ڪندڙن جي نيت ۽ ملڪ جي مٽي سان رشتي تي سواليه نشان نظر اچي ٿو هن چيو ته پي ٽي آءِ قيادت ادارن کي ٽارگيٽ ڪري رهي آهي. عمران خان ٻين ملڪن کي به شامل ڪري رهيو آهي. پاڪ فوج جون قربانيون اسان جي تاريخ جو اهم حصو آهن. پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان محبت ڪري ٿي. هي وقت آهي ته سموري قوم گڏ ٿي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ۽ هن رشتي کي وڌيڪ مضبوط بنائي. سينئر ليگي اڳواڻ چيو ته هڪ شخص صرف اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ اثاثن تي حملو ڪيو. ايئربيس تي حملو دشمن ڪندو آهي ڪو به محب وطن قومي اثاثن تي حملو نٿو ڪري سگهي. سياستدان وٽ اقتدار ايندو ۽ ويندو رهندو آهي پر اسان ڪڏهن به پاڪ فوج سان پنهنجي رشتي تي سواليه نشان نه ناهيو آهي. خواجه آصف وڌيڪ چيو ته قانون موجب بنيادي حقن جي حفاظت ڪئي ٻئي وڃي. حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. قانون جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ نه هوندو. فوجي تنصيبات تي حملو ڪندڙن سان اهوئي سلوڪ ڪيو ويندو جيڪو قانون موجب پاڪستان جي دشمنن سان ڪيو ويندو آهي. هوڏانهن سيالڪوٽ ۾ پاڪ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ دفاع واري وزير خواجه آصف خصوصي طور شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاڪ فوج زنده باد جا نعرا لڳايا. دفاع واري وزير چونڊه ۾ شهيدن جي يادگار جو به دورو ڪيو

بقايا 32

جي شرم جوڳي گفتگو منظر عام تي اچي وئي آهي. منظرعام تي آيل وڊيو ۾ سياسي پارٽي جي وڳوڙين جي شرم جوڳن جملن پارٽ کي به پوئتي ڇڏي ڏنو آهي. حملي جي نئين وڊيو ۾ چرڪائيندڙ منظر ۽ شرم جوڳي ڳالهه منظرعام تي اچي وئي. سامهون آيل وڊيو ۾ ڪهڙي بي حيائي سان پارٽي فلم جو ڊائيلاگ "گهر ۾ گهڙي مارينداسين" ورجايو پيو وڃي. باهه ڏيڻ جا منظر ثابت ڪري رهيا آهن ته ڪيئن ڀرپور تياري سان سياسي وڳوڙي منظم نموني جناح هائوس کي باهه لڳائي. جناح هائوس ۾ لاٽر جي پيٽرول سان ڪاٺ جي اسٽينڊ کي باهه ڏيڻ ۽ صوفا سيٽ باهه ۾ اڇلائي وڌيڪ باهه ڀڙڪائڻ جا منظر واضح طور ڏسي سگهجن ٿا. ملڪ کان آزادي جي طلبگار ضمير وڪرو ڪندڙن جناح هائوس ۾ وڳوڙ ڪندي اسان وٽي رهنداسين آزاديءَ جا نعرا هڻي دشمن کي به خوش ڪري ڇڏيو وڳوڙي پنهنجي بغض ۽ سياسي شدت پسندي ۾ سڀ ڪجهه وساري ويا. هو اهو به وساري ويا. ڪريل ڏوهه ڪرڻ بعد هو قانون جي پڪڙ کا نٿا بچي سگهن. اهي ترديد نه ٿيڻ جوڳا منظر عوام پنهنجي اکين سان 9 مئي تي به ڏٺا هئا ۽ هاڻي به ڏسي رهيو آهي. ڪابه هٽ ڌرمي پروپيگنڊا نه سچ کان انڪار ڪري سگهي ٿي نه ئي حقيقت کي لڪائي سگهي ٿي.

****

بقايا سنڌيار 01

تي مظاهرين آل سنڌ اوڊ اتحاد دادو جي اڳواڻن صاحب راء اوڊ، ڊاڪٽر آنند راء اوڊ، گلشن اوڊ، انور مل اوڊ، ارجن مل اوڊ، بيربل مل اوڊ، فقير سجڻ مل اوڊ ۽ جمن مل اوڊ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته آل سنڌ اوڊ اتحاد جو اڳواڻ سوشل ورڪر پرائمري استاد پرديپ ڪمار اوڊ ڪجهه ڏينهن اڳ نون پرتي ٽيل استادن جي پگهارن جي سلسلي ۾ دادو ٽريزري آفيس جي عملدارن سان ميٽنگ ڪئي جن اسان جي اڳواڻ سان نازيبا لفظن جو استعمال ڪندي پنهنجي آفيس مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ٽريزري آفيس جي دهشتگردن پاران سنڌن پر امن احتجاج مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي جنهن ۾ استاد پرديپ ڪمار ۽ سنڌس ساٿي معجزاتي طور بچي ويا ۽ ٽريزري دادو پاران سياسي اثر هيٺ ڪري اقليتي اڳواڻ ۽ سنڌن استاد ساٿين مٿان ڪوڙي FIR پڻ دادو ٿاڻي داخل ڪئي وئي آهي ۽ ٽريزري جي مختلف قسمن ۽ مشڪوڪ ماڻهن جي طرفان پڻ موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن. اسان آل سنڌ اوڊ اتحاد دادو طرفان اهڙي ڪڌي عمل سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ اسان اعلي اختيارين، چيئرمين پ پ پ بلاول ڀٽو زرداري، وزير اعلي سنڌ، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، هاء ڪورٽ آف سنڌ کي پرزور اپيل ٿا ڪيون ته اڳواڻ آل سنڌ اوڊ اتحاد ۽ سوشل ورڪر پرائمري ٽيچر پرديپ ڪمار اوڊ تي داخل ڪيل ڪوڙي FIR کي فوري طور ختم ڪري ۽ سنڌس مٿان فائرنگ ڪندڙ ٽريزري دادو جي عملي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري پرائمري ٽيچر پرديپ ڪمار اوڊ سان انصاف ڪيو وڃي ته جيئن سموري سنڌ ۾ رهندڙ اوڊ برادري جي دلين ۾ بي چيني ختم ٿئي نه ته بي صورت ۾ آل سنڌ اوڊ اتحاد طرفان سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 02

ٿاڻي جي حد شاليمار واري علائقي مان نامعلوم چور غلام عباسي جي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. جڏهن ته رات دير تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا سنڌيار 03

سيڪريٽري گستا محمد رمضان مري، استاد نثار عامر عمران فيض پيرزادو، سعيد احمد ڪلهوڙو ۽ ٻيا پروگرام جا خاص مهمان هئا. جڏهن ته ٻين استادن جن ۾ اميد علي ٽيبو علي مردان سهتو، قربان علي سهتو، نصير احمد ٽانگور عبدالڪريم ميمڻ، بشير احمد ميمڻ، ضمير حسين شيخ رجب دين هليس، ڏني بخش ٽانگراج، منظور حسين جليباڻي، فرحان ميمڻ، مشتاق ميمڻ ڪان علاوه شهر جي سياسي سماجي ادبي ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آيل مهمانن کي اجرڪ ٽوپيون ۽ گلن جا هار پارايا ويا جڏهن ته درگاهي خان چنا کي الوداعي طور استادن تحفا پڻ پيش ڪيا. ان موقعي تي صدارتي خطاب ۾ ميان عدنان پيرزادو چيو ته استاد درگاهي خان چنا جيڪو ٻ ٽائيم اسڪول ۾ رهيو تعليم لاء پتوڙيائين، پاڻ ڊرائنگ جو ماهر هو. پاڻ محبتي ماڻهون آهي اسان جي دعا آهي ته خوش ۽ آباد هجي، جڏهن ته استاد عباس سومرو، استاد عادل نثار سهتو ۽ استاد محمد يوسف ڀٽي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض ادا ڪيا.

بقايا سنڌيار 04

پارهيڙي، صفر شاه، طارق شاه ۽ ٻين ڪئي، ريلي شاهي بازار کان ٿيندي نئو پريس ڪلب پهتي جتي شهرين سخت نعريبازي ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو، جنهن بعد ريلي نيشنل هاء وي کان ٿيندي ايڊي سينٽرلگ ننگر پبلڪ پريس ڪلب پهتي انهي موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته نئي شهر ۾ ڪيترن ئي مهينن کان واٽر سپلاء جو پاڻي بند ڪيو ويو آهي، جڏهن ته شهري پاڻي جي ڦڙي لاء ترسي رهيا آهن، جڏهن ته ڪينجهر ڍنڍ تي ڀهريون حق نئي واسين جو آهي، پر نئي کي ڪينجهر ڍنڍ مان پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جيڪا نئي واسين سان سراسر ناانصافي آهي، هتي وڏيڪ چيو ته نئي ۾ آئيس، هيروئن، چرس گٽڪو شراب نرو گٽڪا ماوا کلي عام وڪرو ٿي رهيا آهن، جنهن ۾ مبتلا ٿي اسان جي شهر جو نوجوان نسل تباه ٿي رهيو آهي، آئيس جي موالين شهر کي راتاها هڻي ڇڏيا آهن، چوريو روز جو معمول بڻجي ويون آهن، جڏهن ته فريادي ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي بيزار ٿي چڪا آهن، پوليس ڪنهن جي داد فرياد ٻڌڻ لاء تيار ئي ناهي، ڏوهارين شريف ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هتن اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نئي کي مستقل بنيادن تي ڪينجهر ڍنڍ مان پاڻي ڏنو وڃي ۽ منشيات فروشن ۽ ٻين ڪرمنل ڏوهارين خلاف ٻنا ڪنهن فرق جي سخت ڪاروائيون ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 05

حالت ۾ خيرپور جي سول اسپتال منتقل ڏهن جوابدارن خلاف ڪيس داخل متاثرن جو احتجاج جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سميت انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي ٻيرلوء ٿاڻي جي حد ڳوٺ تنيا پل جي رهواسي نوجوان علي رضا تنيو ولد اڪن تنيو کي وياج جي پئسن جي ڏيتي ليتي ۽ ڏير ليڻ سبب مستوئي برادري جي ٻاڻرن گهر تي هلان ڪري حملو ڪيو ۽ گهر ۾ گهڙي گهر ڏتين کي ڪتڪو ڏيڻ بعد نوجوان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته گهر ڀاتين پاران رڙيون ڪرڻ تي پاڙيسري ماڻهن جي پهچڻ تي محمد حنيف تنيو کي ڇڏي نوجوان علي رضا تنيو کي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي ڪري حملا آور موقعي تان فرار ٿي ويا جنهن کي گشتي جوڳي حالت ۾ خيرپور جي سول اسپتال ۾ علاج خاطر داخل ڪيو ويو آهي ٻيرلوء ٿاڻي تي ڏهن جوابدارن خلاف ڪيس داخل هجڻ باوجود حملا آور وياجين خلاف پوليس ڪارروائي نه ڪري تنيا برادري جي ماڻهن ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ڏانهون آهي ته اسان جي نوجوان علي رضا تنيو کي ٻيرلوء جي وياجين عمران مستوئي ۽ ان جي پائرن پاران ڏاڍ ڪري گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي ڪتڪو ڪري ڏنو ۽ محمد حنيف تنيو کي زبردستي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي رڙيون ڪرڻ تي پاڙي وارا پهتا جنهن بعد نوجوان علي رضا تنيو کي ڪهاڙين جا وار ڪري سخت زخمي ڪري موتمار ڌمڪيون ڏيندي موقعي تان فرار ٿي ويا اهڙي واقعي جو اطلاع ٻيرلوء پوليس کي ڏنو ويو پر جوابدار بااثر هيٺ ڪري ايس ايچ او ٻيرلوء رفيق سومرو جوابدارن سان هٿ ٺيل آهي ۽ انهن کي گرفتار ناهي ڪيو جنهن ڪري وياجي عمران مستوئي ۽ سنڌس پائرن پاران اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ ٻڌايو ته اسان جي جان و مال کي خطرو آهي. جيڪڏهن اسان کي ڪجهه ٿيو ته ان جو ذميوار ايس ايچ او ٻيرلوء رفيق سومرو ۽ ٻيرلوء شهر جو مشهور وياجي عمران مستوئي هوندو هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته اهڙي واقعي جو نوٽيس وٺي هلان ڪري حملو ڪندڙ وياجي عمران مستوئي ۽ ان جي پائرن سميت ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي بي صورت ۾ ايس ايس پي خيرپور آفيس آڏو سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

يونس، ميڪ اپ آرٽسٽ اسڪين ايڊوائزر ڪرن، اونر فوز ڪنول سجاد احمد ۽ ٻين شرڪت ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي ان کان نعت مقبول پڙهيو ويو جنهن کانپوء اڳواڻ خطاب ڪيو ۽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي چيئرمين سنڌ ويلفيئر فاونڊيشن خالد حسن پکهو ڪاش تي وي سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ سنڌ ويلفيئر فاونڊيشن جي طرفان سرٽيفڪيٽ سرمني جو پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي جنهن ۾ بيوٽيشن جو ڪورس مڪمل ڪرڻ وارن ڇوڪرين کي سنڌ ويلفيئر فاونڊيشن جي پليٽ فارم تان سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا اڄوڪي دور ۾ ڇوڪرين جو هنر سکڻ لازمي آهي جيڪي ماء پيء ڇوڪرين کي گهر نه ٿا ڪڍن اهوئي انهن تي زيادتي ٿا ڪن جڏهين اهو ماء جي روپ ۾ اچي ٿي وري سس ٿئي ٿي پوءِ انهن کي دنيا جي آڏو محتاجي ڪري پنهنجو گزر سفر ڪرڻ لاء پريشانين جو سامنو ڪرڻو ٿو پوي ڪراچي ۾ منهنجي هنرمند ڇوڪرين کي ڀرپور سپورٽ هوندي ان جي علاوه ڪراچي جي کهڙي به پرائيوٽ يا سرڪاري اسپتال ۾ ڪو به ڪم هجي سنڌ ويلفيئر فاونڊيشن سان رابطو ڪري جن جو مقصد رڳو غريب بي سهارا ماروئڙن جي خدمت ڪرڻ آهي اسان هر وقت اوهان سان گڏ هونداسين ان موقعي تي اونر فوز ڪنول سجاد احمد ڪاش تي وي سان

بقايا سنڌيار 07

ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن تي 60 کان مٿي ڇوڪرين کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا جنهن جو سمورو انتظام سنڌ ويلفيئر فاونڊيشن ڪيو آهي سياسي سماجي اڳواڻ خالد حسين پکهير اڄ ڏينهن تائين اسان سان تعاون ۾ رهيو آهي مان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ وارين سمورين ڇوڪرين کي مبارڪباد پيش ڪيا ٿي ۽ اميد ڪجي ٿي ته اهوئي پنهنجو ڪم جاري رکنديون

بقايا سنڌيار 07

۾ قتل ٿيندڙ ماڻهن ۽ اغوا ٿيلن جي بازيابي لاء جماعت اسلامي پاران امن ريلي مارچ ڪئي وئي ريلي گهنٽا گهر چوڪ چوڪ ڪان ٿيندي پريس ڪلب پهتي جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن هندو پيچائيت جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ريلي دوران جماعت اسلامي جي صوبائي امير محمد حسن محتني هندو پيچائيت جي اشوڪ ڪمار صوبائي اڳواڻ حافظ نصرالله چنا حافظ محمد حفيظ بجاراني صوبائي انفارميشن سيڪريٽري مجاهد چنا ضلعي امير غلام مصطفي ميراڻي عبدالله گولو ضلعي اسلامي لائيرز مون مينٽ جي اڳواڻ آغا ڪليم الله خان خلجي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي جو امن امان تباه ٿيل آهي پوليس مڪمل طور نه امن ڪرائڻ ۾ ناڪام تي چوڪي آهي روزاني ماڻهواغوا ٿئين ٿا هر روز ماڻهن کان موٽرسائيڪلون ڌاڙيل فر ڪن ٿا ۽ انهي کان علاوه ٽن مهينن کان به نيائيون اغوا ٿيل آهن انهن کي به پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي پوري ضلعي مان ٻاويهي ڄاڻ اغوا ٿيل آهن انهي به هن وقت تائين بازياب نه ٿيا آهن هنن چيو ته ڪشمور پوليس نوڪان وڌيڪ به گناه ماڻهن کي ڪوڙن مقابلن ۾ قتل ڪيو آهي پوليس گردي جي ڪري عوام جو پوليس مٿان اعتماد نه رهيو آهي سچ لهڻ وقت عوام گهرن تائين محدود ٿي وڃي ٿو انهي کان علاوه ڌاڙيل پوليس اهلڪارن کي قتل ڪن ٿا هي پوليس ۽ سنڌ حڪومت جي ناڪامي آهي ريلي ۾ اغوا ٿيلن جا وارث پڻ شامل هئا

بقايا سنڌيار 08

۽ چار لک روڪ رقم چوري ڪري ويا متاثر گهر ڌڻي پاران ڪنڊيارو ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي گهر ڌڻي ذوالفقار سيال ٻڌايو ته پٽ جي طبيعت خراب هئي جنهن لاء ڪراچي ويل هيس واپس آيس ته گهر ۾ ڌاڙو لڳل هيو ـ هوڙانهن ڪنڊيارو ٿاڻي تي مقرر ايا ايچ او مجيب الرحمان ناريجو جي بدلي بعد ڪنڊيارو ٿاڻو پڻ ڏينهن کان ايس ايچ او بنا هلڻ لڳو ۽ بدامني ۾ اضافو پڻ ٿي ويو گذريل رات به نامعلوم ڦورو صحافي طاهر ابراهيم جوڪيو کان 125 موٽرسائيڪل روڪ ۽ موبائل فونون ڦر ڪري ويا هيا جنهن جو پڻ ڪو تدارڪ نه ٿي سگهيو.

بقايا سنڌيار 09

مخمور مهيري جي ٻي ورسي جي تقريب ڪي سنڌ جي ناليواري ليکڪ اديب اقبال شاهين صدارتي خطاب ڪندي چيو ته مخمور مهيري گهڻ رخي شخصيت هو، مخمور مهيري سنڌي ٻولي جو يگانو شاعر هو جنهن جي شاعري ۾ محبت اخوت، انسان دوستي جو تصور سمايل هو. سنڌي ادب سنڌي ٻولي سنڌي ثقافتن جو ٺاگر ۽ سنڌ امڙ مٿان گهور گهور ٿيڻ واري شخصيت جو مالڪ هو. مخمور مهيري سماجي برائين خلاف لکڻ وارو سماج سڌارڪ شخص پڻ هو. سندس صحافتي خدمتون به ڪنهن کان لڪيل ناهن، تقريب کي سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ جي سيڪريٽري ناليواري ليکڪ گلبدن جاويد مرزا خطاب ڪندي چيو ته مخمور مهيري انسانيت جو پيروڪار ليکڪ هو پاڻ سنڌ جي روايتي محبتن جو امين هو، حوصلا مند انسان هو، معاشري مان سماجي برائين جون پاڙون پٽيندڙ ۽ ڏگ ڏگ محبتون ورهائيندڙ هڪ تاريخ ساز شخصيت هو، علم وادب اڪيڊمي ٽنڊو محمد خان وارا الڪين ڪيرون لهڻ جو هو پنهنجي حال حياتي ليکڪن اديبن شاعرن استادن ۽ سماج سڌارڪ ماڻهن سان رهاڻيون رچائي ۽ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويل ليکڪن اديبن شاعرن صحافين جو شاناٿي انداز سان ورسيون ملهائي وڏو تاريخي ڪم ڪري رهيا آهن، تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي مرڪزي اڳواڻ سيد فتح علي شاه شمسي خطاب ڪندي چيو ته علم و ادب اڪيڊمي سنڌ جي تاريخي اثاثن کي ياد رکيو آهي، مخمور مهيري انسانيت کي سدائين امر جاتو مرڪ سدائين سندس چين تي رقصان رهندي هئي سندس لکڻين جو محور ۽ مرڪز رڳو سنڌ ۽ سنڌ جا ماروئڙا هئا، تقريب کي دانشور ڊاڪٽر عبدالجبار قاسم نظاماڻي، اديب حڪيم محمد يوسف کٽري، علم و ادب اڪيڊمي ٽنڊو محمد خان جي صدر شاعر نثار احمد ناز، شاعر محمد تقي راجپوت، سنڌي ادبي سنگت شاخ ماتلي جو سيڪريٽري مسافر هاليپوٽو، سماجي عورت اڳواڻ رضيه سهتو، شهناز صديق راهو، سورمي سٿ سنڌ جي چيئرپرسن مارئي عابده سمون، صدف غلام نبي ڪيريو، نجما انصاري، ليکڪ محمد اشرف ملاڻو، ليکڪ شاعر واحد سوز ملاح، شاعر علي ڏنو جروار، سينئر استاد عبدالڪريم سومرو، شاعر منير پنهور، پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان جي چيئرمين سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو، عبدالغفور ڪنڀار، حنا زهره، عرفانا پٽي، سوڍي ڪولهي، تعليمدان غلام نبي ڪيريو، شينا ملاح، زهره جمالي، شاهده قمبراڻي، سيد ممتاز شاه بخاري ۽ ٻين خطاب ڪندي مخمور مهيري کي اداري جو لقب ڏيندي لفظن جي ٻيٽا پيش ڪئي، ان موقعي تي مرحوم مخمور مهيري جي تصوير مٿان هن تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙن گلابن جون پتيون نڇاور ڪري تصوير سامهون ڏياٽيون ۽ ميڻ بتيون ٻاري پيٽا پيش ڪئي وئي، جڏهن ته تقريب ۾ سنڌ جي ڏات ڌڻين، ليکڪن، شاعرن، صحافين، استادن، سماجي شخصيتن عورت ۽ مردن کي پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ بهترين ۽ نمايان ڪارڪردگين ڏيکارڻ عيوض مخمور مهيري مجتا سرٽيفڪيٽن سان نوازيو ويو، آخر ۾ سنڌ جي ناليواري راڳڻ جهانگير نوحاڻي، صوفي حامد سنڌي، استاد خدابخش ڪچي، جانب بلاولي سرن جي ورڪا ڪئي.

بقايا سنڌيار 10

اڳواڻ دريا خان گبول ڳالهائيندي چيو ته تحريڪ انصاف پارٽي کي ڇڏي ڪري آئون پنهنجي ساٿين سان گڏ پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ٿو ڪريان هن وڌيڪ چيو ته 9 مئي جي واقعي کان پوء منهنجي دل کي ڌڪ لڳو ڪي پهتو هڪ محب وطن جي حيثيت سان پاڪستان تحريڪ انصاف کان عليحدگي اختيار ڪري پنهنجي ساٿين سميت پيپلز پارٽي ۾ رهي ڪري ملير جي عوام جي خدمت ڪندس ان موقعي تي ايم اين اي حڪيم بلوچ ڳالهائيندي چيو ته دريا خان گبول سٺو فيصلو ڪيو آهي، ملير ضلعو پيپلز پارٽي جو قلعو آهي ملير مان پي ٽي آئي جو مڪمل خاتمو ٿيندو ڪجه ماڻهون آهن سي به جلد پيپلز پارٽي ۾ اعلان ڪندا ان موقعي تي خادم حسين گبول مراد گبول غني گبول انور گبول شاهجان گبول نظير احمد گبول قمرالدين گبول فضل گبول حاجي محمد گبول صمد بلوچ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 11

کي ڏنيون رڃن جنهن سان پارٽي مضبوط ٿيندي پر اينئن ڏيو بدين ۾ نائي ڪنڙو ڪري پائيڻ پائيجن کي مخصوص سيٽن تي نوازيو ويو آهي ضلعي صدر تي ڏينهن احتجاج تي ويٺل پارٽي ورڪرن کان پڇا ڪرڻ به گوارا نه سمجهيو آهي اسان جو پيغام سنڌ ڪابينا پارٽي چيئرمين تائين پهچايو ته اسان بلاول هائوس اڳيان به احتجاج ڪنداسين جيڪي شيخ پيپلا آهن جن هميشه پ پ جي مخالفت ڪئي آهي اڄ پ پ ۾ ڏئي ٿي اصل ڪارڪنن کي ڪچلي رهيا آهن جنهن سان ايندڙ وقت ۾ پ پ جو وڏو نقصان ٿيندو، رفيق ميمڻ جي ايس ليبر ونگ رجب علي راحمون نائب صدر سٽي، شوڪت ڪشميري هاري ڪميٽي تعلقه صدر، اسلم ميمڻ شابنة صدر سٽي گولاڙچي، امان الله ڪوراڻي سابق سينئر نائب صدر، علي احمد نهڙيو، ممتاز پناڻ، غلام قادر ڪوسو سيي صدر، محمد جمن ملاح، شريف ملاح، محمد ملاح، لڪاڏنو سيال چيو ته هر پروگرام ۾ ورسي ۾ جلسي ۾ هر بندوبست اسان ڪندا آهيون جهنڊا اسان لڳايون نعرا اسان هڻون هر قسم جا معاملات بندوبست اسان ورڪر ڪندا آهيون هي سب اي سي گاڏين ۾ اچي تقريرون ڪري هليا ويندا آهن اينتري قدر ورسين ۾ اسان اڳ ۾ پهچي پنهنجي ضلعي جا ڪيه ڪوڙي بندوبست ڪندا رهيا آهيون جيلن جا منهن اسان ڏٺا اليڪشن ۾ جهنڊا هڻڻ رونن لاء ڏينهن رات